روزاني
سنڌيار
سکر
ايڊيٽر: اعجاز مهر
Daily SINDHYAR Sukkur
www.dailysindhyar.com
(جلد پهريون) خميس 16 مارچ 2023ع بمطابق 23 شعبان المعظم 1444ھ (قيمت 10 روپيا) شمارو 292

گرفتاري جي خوف سبب عمران خان جون ٽنگون ڏڪي رهيون آهن: شرجيل ميمڻ

بلاول هائوس وارن وڏي حوصلي ۽ همت ڦاسيوڻ قبول ڪيون ، جيل جون سختيون برداشت ڪيون آهن پر ڪڏهن به قانون کي هٿ ۾ نه ڪنيو، پاڪستان پيپلز پارٽي جرئت ۽ حوصلي سان گرفتاريون پيش ڪيون

شهيد محترمه بينظير ڀٽو جڏهن پاڪستان اچي رهي هئي ته ڪيس ٻڌايو ويو ته مٿس حملو ٿي سگهي ٿو، شهيد محترمه بينظير ڀٽو ڪڏهن نه ڊني، شهيد محترمه بينظير ڀٽو گاڏي ۾ ويهي ڪارڪنن کي خطاب نه ڪيو

پاڪستان پيپلز پارٽي همت ۽ حوصلي سان گرفتاريون پيش ڪيون، 5 ڪان 10 هزار ماڻهن کي روڊن تي ڪيڻ پاڪستان پيپلز پارٽي لاءِ ڪڏهن به وڏو مسئلو ناهي رهيو

اسپيڪر سنڌ اسيمبلي جو ڪيس ڪراچي ۾ هو. ڪيس اسلام آباد مان گرفتار ڪيو ويو. چا هو ملڪ کان ٻاهر وڃي رهيو هو؟ چا هو ڪراچي واپس نه اچي ها؟

عمران خان ملڪ ۾ لاقانونيت چاهي ٿو ۽ رياست خلاف اعلان جنگ ڪرڻ چاهي ٿو. اهي ثابت ڪرڻ چاهين ٿا ته اهي رياست کان وڌيڪ مضبوط آهن

عدالتن جي حڪمن جو مذاق اڏايو پيو وڃي. هي شخص معزز عورت جج صاحبا جا نالا وٺي ڌمڪيون ڏيندو رهيو آهي: سنڌ اسيمبلي جي ميڊيا ڪارنر تي ميڊيا سان ڳالهيون

ڪراچي (بيورو رپورٽ) اطلاعات واري صوبائي وزير شرجيل انعام ميمڻ چيو آهي ته گرفتاري جي خوف سبب عمران خان جون ٽنگون ڏڪي رهيون آهن. هن چيو ته بلاول هائوس وارن وڏي حوصلي ۽ همت ڦاسيوڻ قبول ڪيون ، جيل جون سختيون برداشت ڪيون آهن پر ڪڏهن به قانون کي هٿ ۾ نه ڪنيو پاڪستان پيپلز پارٽي جرئت ۽ حوصلي سان گرفتاريون پيش ڪيون. اهڙن خيالن /بقايا پڙهو صفحو 2 نمبر 01

ڪراچي: سنڌسڀاءَ وارو صوبائي وزير شرجيل ميمڻ ۽ سيد ناصر شاهه پريس ڪانفرنس ڪري رهيا آهن

فواد چوڌري هاءِ ڪورٽ کان پوليس آپريشن روڪڻ جي استدعا ڪري ڇڏي، هي اسلام آباد جو معاملو آهي اتي وڃو: عدالت

لاهور (م ڊ) چيف جسٽس لاهور هاءِ ڪورٽ جسٽس امير ڀٽي عمران خان جي گرفتاري جي معاملي کي عدالت آڻڻ تي فواد چوڌري کان پڇائو ڪيو ته هي اسلام آباد جو معاملو آهي اوهان اتي وڃو. پي ٽي آءِ اڳواڻ فواد چوڌري ۽ عمران خان جي قانوني ٽيم چيف جسٽس لاهور هاءِ ڪورٽ جي عدالت ۾ پيش ٿي جنهن دوران فواد /بقايا پڙهو صفحو 2 نمبر 02

عمران خان پاڻ کي قانون کان مٿانهون سمجهي رهيو آهي: وزيراعظم شهباز شريف

آءِ ايم ايف سان اسٽاف ليول معاهدو جلد ٿي ويندو، شرطن جو بار عام ماڻهو تي به پوندو، اهو تاريخ جو حادثو آهي ته ڀيريون پيرو ٻن صوبن ۾ چونڊون ٿي رهيون آهن ۽ ٻن ۾ نه پيون ٿين

مون کي جڏهن اسپتال وڃڻو هوندو هو ته مون ايمبولينس جي درخواست ڪئي، ايمبولينس اچي وئي پر مون کي ان باوجود قيدين جي گاڏي ۾ اماڻيو ويو، ان وقت ته ڪنهن به نوٽيس نه ورتو

عمران خان پاڻ کي قانون کان مٿانهون سمجهي ٿو، هو هر عدالت جي نافرماني ڪري رهيو آهي، ڪيس عدالتن جو احترام ڪرڻ گهرجي، جيڪڏهن عمران نيازي بيمار آهي ته الله پاڪ کيس صحت ڏيندو

اسان رياست بچائڻ لاءِ پنهنجي سياست کي داءَ تي لڳائي ڇڏيو آهي. جڏهن اسان اپوزيشن ۾ هئاسين ته اسان کي پٽ سان لڳايو پئي ويو، مان، نوازشريف، راڻا ثناءالله ڪوڙن ڪيسن ۾ روزاني عدالت ۾ پيش ٿيندا هئاسين

اسان کي قيد دوران گهر جي ماني به نه ملندي هئي. ان وقت ڪنهن چيو هو ته مان هنن جي ڪمرن مان پکا، باٿ روم ۽ ايئر ڪولر اڏائي ڇڏيندس، تڏهن ته ڪنهن به نوٽيس نه ورتو هو

اسان جي پارٽي چونڊن جي لاءِ تيار آهي جيڪو به اليڪشن ڪميشن جو فيصلو هوندو ان تي عمل ڪنداسين، فرضن جي ادائيگي به نڀائي رهيا آهيون : سي پي اين اي وفد سان ڳالهيون

اسلام آباد (مانيٽرنگ ڊيسڪ) وزيراعظم شهباز شريف چيو آهي ته عمران خان پاڻ کي قانون کان مٿانهون سمجهي رهيو آهي. اسلام آباد ۾ وزيراعظم شهباز شريف ڪونسل آف پاڪستان نيوز پيپر ايڊيٽرز (سي پي اين اي) جي وفد سان ڳالهيون ڪندي چيو ته آءِ ايم ايف سان اسٽاف ليول معاهدو جلد ٿي ويندو. شرطن جو بار عام ماڻهو تي به پوندو. هن چيو ته اهو تاريخ جو حادثو آهي ته ڀيريون /بقايا پڙهو صفحو 2 نمبر 03

اسلام آباد | وزيراعظم شهباز شريف ڪونسل آف پاڪستان نيوز پيپر ايڊيٽرز جي وفد سان ڳالهائي ڪندي

عمران خان جو عمل رياستي رٽ کي ڪمزور ڪرڻ جهڙو آهي: مولانا فضل الرحمان

عمران خان ملڪ کي ڪمزور ڪرڻ جو ڪلچر اختيار ڪيو

ڪيترائي پيرا چئي چڪا آهيون ته هو ملڪ مخالف ايجنڊا تي ڪم ڪري رهيو آهي

اسلام آباد (م ڊ) پي ڊي ايم سربراهه مولانا فضل الرحمان چيو آهي ته تحريڪ انصاف جيڪو ڪم ڪري رهي آهي، جيڪڏهن ڪا مذهبي /بقايا پڙهو صفحو 2 نمبر 08

جيڪو ماڻهو وٺي نه پٺتوان کي ٽڪيٽ نه ملندو: ياسمين راشد ۽ اعجاز شاهه جي مبينه آڊيو سامهون اچي وئي

مبينه آڊيو ۾ ٻئي اڳواڻ عمران خان جي امڪاني گرفتاري جي حوالي سان ڳالهيون ڪري رهيا آهن

مبينه آڊيو ۾ ياسمين راشد اعجاز شاهه کي چيو ته خان صاحب هن وقت چئي رهيو آهي ته سمورن ايم اين ايز ۽ ايم پي ايز کي فون ڪريو

ياسمين راشد عمران خان جي هدايت اڳوڻي گهرو وزير کي ڏيندي ٻڌايو ته عمران خان چئي رهيو آهي ته ماڻهو وٺي پهچو

لاهور (م ڊ) پاڪستان تحريڪ انصاف جي اڳواڻن ياسمين راشد ۽ اعجاز شاهه جي مبينه آڊيو سامهون اچي وئي آهي. اڳوڻي پنجاب جي صحت واري وزير ياسمين راشد ۽ اڳوڻو وفاقي گهرو وزير اعجاز شاهه جي مبينه آڊيو ۾ ٻئي اڳواڻ /بقايا پڙهو صفحو 2 نمبر 09

پاڪستان تحريڪ انصاف اڳواڻ ياسمين راشد ۽ اعجاز شاهه (فائيل فوٽو)

عمران خان کي راڻا ثناءُالله جي حوالي نٿا ڪري سگهون: فواد چوڌري

اٿارٽيز ماڻهن جي حياتين سان کيڏي رهي آهي، زمان پارڪ ۾ هر جڳهه ڳوڙها آڻيندڙ گئس جا شيل فائر ٿي رهيا آهن

اوهان وارنٽ جي تعميل چاهيو ٿا ته اسلام آباد هاءِ ڪورٽ ۾ ٻڌڻي جاري آهي

گهرن ۾ ننڍن ٻارن جون طبيعتون خراب ٿي ويون آهن : لاهور ۾ صحافين سان ڳالهيون

لاهور (م ڊ) پي ٽي آءِ اڳواڻ فواد چوڌري چيو آهي ته عمران خان جي حياتي کي خطرو آهي ڪيس راڻا ثناءالله جي حوالي نٿا ڪري سگهون. لاهور ۾ صحافين /بقايا پڙهو صفحو 2 نمبر 13

پي ٽي آءِ اڳواڻ فواد چوڌري ميڊيا سان ڳالهائيندي

ڊجيٽل آدمشماري کي مڪمل غيرقانوني، فراڊ ۽ ڊرڪو سمجهون ٿا: رياض چانڊيو

پ پ حڪومت ان غيرقانوني مردم شماري کي غير قانوني ڳڻپ جو سلسلو بند ڪري

سنڌ ۾ ڦهليل سيني غير ملڪين کي الڳ ڳڻپ ڪرائي پناهه گزين ڪئمپن ۾ رهايو وڃي

لاڙڪاڻو (رپورٽر) جيئي سنڌ محاذ جو اعليٰ سطحي اجلاس لاڙڪاڻي ۾ چيئرمين رياض علي چانڊيو جي صدارت ۾ ٿي گذريو ان موقعي تي محاذ /بقايا پڙهو صفحو 2 نمبر 14

سنڌ يونائيٽڊ پارٽي جو پيدل مارچ ٺٽي شهر پهچي ويو، گلن جي ورکا

فنڪشنل ليگ جي ڪيمپ تي سياسي سماجي تنظيمن جي اڳواڻن، ڪارڪنن ۽ شهرين پاران پيدل مارچ جي آجيان ڪئي

سنڌ جي ماڻهن پيدل مارچ کي پنهنجي حقن جو مارچ قرار ڏئي ڀرپور موٽ ڏني آهي : ايس يو پي اڳواڻ

اسين سنڌ جي بهتري لاءِ نڪتا آهيون، سنڌ واسي ڀرپور ساٿ ڏئي رهيا آهين

ٺٽو (رپورٽر) سنڌ يونائيٽڊ پارٽي جو پيدل مارچ ٺٽي شهر پهچي ويو، پريس ڪلب آڏو فنڪشنل ليگ جي ڪيمپ تي سياسي سماجي تنظيمن جي اڳواڻن، ڪارڪنن ۽ شهرين پاران پيدل مارچ جي آجيان ڪئي مارچ ۾ شامل قافلن تي گلن جي ورکا. /بقايا پڙهو صفحو 2 نمبر 18

ٺٽو: ايس يو پي پاران نڪتل پيدل مارچ جو شهري شاندار آڌر ڀاءُ ڪري رهيا آهن

ليڊي هيلٿ ورڪرز کي هيسائڻ واري ڪيس ۾ اڳوڻو اسسٽنٽ ڊسٽرڪٽ هيلٿ آفيسر گرفتار

سکر (بيورو رپورٽ) سنڌ هاءِ ڪورٽ سکر بينچ جي حڪم تي هراسمينٽ جي الزام هيٺ آيل اڳوڻو اسسٽنٽ ڊسٽرڪٽ هيلٿ آفيسر امتياز وساڻ عدالت مان گرفتار ٿي ويو آهي خيرپور جي ليڊي هيلٿ ورڪرز ۽ سپروائيزرز پاران امتياز وساڻ خلاف بدسلوڪي ۽ هيسائڻ جي الزامن هيٺ درخواست داخل ڪرائي وئي هئي درخواست ۾ موقف اختيار ڪيو ويو ته جوابدار حڪمران جي /بقايا پڙهو صفحو 2 نمبر 20

اوٻاوڙو: پوليس ۽ ڌوڙيل ۾ مبينا مقابلي دوران اي ايس آءِ شهيد، 2 ڌاڙيل مارجي ويا

ڪنيڙا ٽاٽي جي حد ۾ پوليس ۽ ڌاڙيلن وچ ۾ مبينا پوليس مقابلي دوران اي ايس آءِ امان الله ابڙو شهيد ٿي ويو

فائرنگ سبب 2 ڌاڙيل پڻ مارجي ويا، شهيد اهلڪار جي مڙهه کي سول اسپتال اوٻاوڙو منتقل ڪيو ويو

اوٻاوڙو (رپورٽر) اوٻاوڙو ويجهو ڪنيڙا ٽاٽي جي حد ۾ پوليس ۽ ڌاڙيلن وچ ۾ مبينا پوليس مقابلي دوران اي ايس آءِ امان الله ابڙو شهيد ٿي ويو جڏهن ته فائرنگ سبب 2 ڌاڙيل پڻ مارجي ويا. شهيد اهلڪار جي مڙهه کي سول اسپتال اوٻاوڙو منتقل ڪيو /بقايا پڙهو صفحو 2 نمبر 22

سليڪشن ڀيرين قبول ڪئي نه ويندي ڪنداسين: مريم نواز

ووٽ جي عزت لاءِ تارازيءَ جا ٻئي پاسا برابر ڪرڻ لاءِ جدوجهد جاري آهي

تارازيءَ جا ٻئي پاسا برابر ٿيندا ته انصاف جي فتح ٿيندي

زمان پارڪ جو گدڙ عورتن ۽ ٻارن کي ڍال بڻائي لڪيو ويٺو آهي، عدالت وڃڻ کان به ڀڄي رهيو آهي

لاهور (م ڊ) سليڪشن ڀيرين قبول ڪئي نه ويندي ڪنداسين. ووٽ جي عزت لاءِ تارازيءَ جا ٻئي پاسا برابر ڪرڻ لاءِ جدوجهد جاري آهي. ن ليگ /بقايا پڙهو صفحو 2 نمبر 25

فواد، پرويز الاهي ، حماد اظهر ۽ ٻيا غائب، لاهوري به نه نڪتا

عمران سان وفاداري جا وچن ڪندڙ شيخ رشيد غائب رهيا

صرف شاهه محمود قريشي، علي زيدي، فرخ حبيب ۽ حسان نيازي موجود هئا

لاهور (مانيٽرنگ ڊيسڪ) لاهور جو زمان پارڪ ڪيترائي ڪلاڪ جنگ جو ميدان بڻيل رهيو پر لاهور جو عوام اپيلن باوجود به زمان پارڪ نه پهتو. /بقايا پڙهو صفحو 2 نمبر 30

سنڌ ۾ مفرور جوابدارن جا سڃاڻپ ڪارڊ ۽ بئنڪ اڪائونٽ بلاڪ ڪرڻ جو فيصلو

ڪراچي (م ڊ) سنڌ ۾ مفرور جوابدارن جا سڃاڻپ ڪارڊ ۽ بئنڪ اڪائونٽ بلاڪ ڪرڻ جو فيصلو ڪيو ويو آهي. سنڌ پوليس جي ترجمان مرجب مفرور جوابدارن جا سڃاڻپ ڪارڊ ۽ بئنڪ اڪائونٽ بلاڪ ڪرڻ جو فيصلو آءِ جي سنڌ /بقايا پڙهو صفحو 2 نمبر 29

عمران خان پاڻ کي بچائڻ لاءِ ڪارڪنن کي پوليس جي سامهون بيهاري ڇڏيو آهي: بلاول ڀٽو

عمران خان سمجهي ٿو ته سندس مٿان ملڪ جو ڪو به قانون لاڳو نٿو ٿئي. هن کي جڏهن عدالتن ۾ گهرايو وڃي ٿو ته اتي به پيش نٿو ٿئي

منهنجي خاندان ۽ پارٽي ڊڪٽيٽرشپ کي منهن ڏنو عمران خان هر ڀيري قانون جي ڀڃڪڙي ڪئي جنهن تي ڪيس جواب ڏيڻو پوندو

اسان کي موسمياتي تبديلي، غربت، معاشي حالتن بابت سوچ ويچار ڪرڻي آهي : پرڏيهي وزير

اسلام آباد (م ڊ) پرڏيهي وزير بلاول ڀٽو زرداري چيو آهي ته عمران خان پاڻ کي بچائڻ جي لاءِ پنهنجن ڪارڪنن کي پوليس جي سامهون بيهاري ڇڏيو آهي. آمريڪي ميڊيا کي ڏنل انٽرويو ۾ بلاول ڀٽو زرداري چيو ته عمران خان سمجهي /بقايا پڙهو صفحو 2 نمبر 05

حڪمن تي عمل نه ٿيو، جيڪو ڪجهه ٿي رهيو آهي اهو اوهان جو ڪيل آهي: اسلام آباد هاءِ ڪورٽ

اڃان ته اوهان جي درخواست فڪس ناهي ٿي، مقرر ٿئي ته ڏسنداسين، هن عدالت اڳ رليف ڏنو هو، ان جو ڇا ٿيو؟

عدالت اڳ هڪ رستو ڏنو هو، اوهان جو ڪيس اڄ اعتراض سان گڏ لڳايو ويو آهي : چيف جسٽس عامر فاروق

اسلام آباد (م ڊ) اسلام آباد هاءِ ڪورٽ ۾ اڳوڻي وزيراعظم عمران خان جي توشه خانه ڪيس ۾ گرفتاري وارنٽ رد ڪرڻ جي درخواس تي چيف جسٽس عامر فاروق ريمارڪس ڏنا آهن ته عدالتي حڪمن تي عمل ناهي ٿيو، جيڪو ڪجهه ٿي /بقايا پڙهو صفحو 2 نمبر 07

پنجاب جو نگران وڏو وزير زخمي پوليس اهلڪارن جي عيادت لاءِ اسپتال پهچي ويو

محسن نقوي زخمي پوليس اهلڪارن جي عيادت لاءِ سروسز اسپتال پهتو

محسن نقوي زخمي ڊي آءِ جي آپريشنز شهزاد بخاري جي خيريت پڇا ڪئي

لاهور (م ڊ) پنجاب جو نگران وڏو وزير محسن نقوي زخمي پوليس اهلڪارن جي عيادت لاءِ سروسز اسپتال پهچي ويو محسن نقوي پي ٽي آءِ /بقايا پڙهو صفحو 2 نمبر 12

لاهور: پنجاب جو نگران وڏو وزير محسن نقوي زخمي پوليس اهلڪارن جي عيادت ڪري رهيو آهي

پوليس بابت عمران خان جا خدشا هرويرو ناهن : اعتزاز احسن

عمران خان جي گرفتاري وارنٽ تي حڪومت "اوور ري ايڪٽ" ڪري رهي آهي

گرفتاري وارنٽ جو اهو مطلب ناهي توهان ڪنهن جي ٻانهن ڀڃي ڇڏيو يا ان تي ظلم ڪيو

لاهور (م ڊ) سينيئر قانوندان اعتزاز احسن چيو آهي ته عمران خان جي گرفتاري وارنٽ تي حڪومت "اوور ري ايڪٽ" ڪري رهي آهي، جيڪو /بقايا پڙهو صفحو 2 نمبر 17

عمران نيازي پاڻ کي بنڪر ۾ بند ڪري عورتن ۽ ٻارن کي اڳتي ڪيو آهي: مرتضيٰ وهاب

جيڪي پاڪستان کي يرغمال بڻائڻ چاهين ٿا اهي عوام کي تڪليفون ڏئي رهيا آهن

اڳوڻي صدر آصف علي زرداري ۽ فريال ٽالپر کي جيل موڪليو ويو، اسان مزاحمت نه ڪئي

ڪراچي (رپورٽر) سنڌ حڪومت جي ترجمان ۽ قانوني صلاحڪار سنڌ بئريسٽر مرتضيٰ وهاب چيو آهي ته عمران خان رياست، آئين ۽ قانون خلاف بيٺو آهي، ڪيس ملڪ جي سلامتي، آئين ۽ قانون سان ڪو به واسطو ناهي. عمران نيازي پاڻ /بقايا پڙهو صفحو 2 نمبر 19

ڪراچي: سنڌ حڪومت جو ترجمان ۽ قانوني صلاحڪار بئريسٽر مرتضيٰ وهاب ميڊيا سان ڳالهائيندي

عمران کي بزدل چوڻ وارو پاڻ لنڊن ۾ لڪي ويٺو آهي: ايڊووڪيٽ تيمور حسين کيريو

عمران خان اسان جي ريڊ لائين جنهن کي ڪراس ڪرڻ جي ڪوشش نه ڪئي وڃي

جمهوري جون دعوي دار پارٽيون غيرجمهوري قوتن سان ساٿ ڏئي جمهوريت کي نقصان پهچائڻ چاهين ٿا

حيدرآباد (اسٽاف رپورٽر) پي ٽي آءِ يوٿ ونگ سنڌ جي انفارميشن سيڪريٽري ايڊووڪيٽ تيمور حسين کيريو ڊويزن حيدرآباد جي سينئر نائب صدر عادل چانڊيو ميڊيا سان ڳالهائيندي چيو آهي ته وفاقي حڪومت ۽ نگران حڪومت عمران /بقايا پڙهو صفحو 2 نمبر 24

حيدرآباد: پي ٽي آءِ يوٿ ونگ سنڌ جو انفارميشن سيڪريٽري ايڊووڪيٽ تيمور حسين کيريو ميڊيا سان

عمران خان جي امڪاني گرفتاري: زمان پارڪ ٻاهران پوليس ۽ پي ٽي آءِ ڪارڪنن ۾ ڇڪرين جو سلسلو جاري

پي ٽي آءِ چيئرمين عمران خان جي گرفتاري جي معاملي تي پي ٽي آءِ، پوليس ۽ رينجرز آمهون سامهون

اربع جي صبح هڪ دفعو ٻيهر پي ٽي آءِ ۽ پوليس اهلڪارن ۾ ڇڪريون ٿيون، ڇڪرين دوران پوليس اهلڪار ۽ ڪارڪن زخمي ٿيا

پوليس مظاهرين تي شيلنگ ڪئي، پوليس آپريشن کي 18 ڪلاڪ گذري چڪا

3 ضلعن جي پوليس آپريشن ۾ حصو وٺي رهي آهي، رينجرز جا دستا به مال روڊ تي موجود

لاهور (م ڊ) لاهور ۾ زمان پارڪ ٻاهران پاڪستان تحريڪ انصاف جي ڪارڪنن، پوليس ۽ رينجرز وچ ۾ ڇڪتاڻ جو سلسلو جاري آهي. پي ٽي آءِ چيئرمين عمران خان جي گرفتاري جي معاملي تي پي ٽي آءِ، پوليس ۽ رينجرز آمهون سامهون آهن. اربع جي صبح هڪ دفعو ٻيهر پي ٽي آءِ ۽ پوليس اهلڪارن ۾ ڇڪريون ٿيون، ڇڪرين دوران ڪيترائي پوليس اهلڪار ۽ پي /بقايا پڙهو صفحو 2 نمبر 04

زمان پارڪ آپريشن: ٻن صوبن جي پوليس آمهون سامهون، جي بي پوليس پنجاب پوليس تي هٿيار تاڻي ورتا

لاهور (م ڊ) اڳوڻي وزيراعظم عمران خان جي گرفتاري لاءِ گذريل ڏينهن کيل پوليس آپريشن ۾ پنجاب ۽ گلگت بلتستان پوليس جا اهلڪار سامهون ٿي ويا. گذريل ڏينهن اسلام آباد ۽ پنجاب پوليس جي آپريشن دوران پوليس ۽ پي ٽي آءِ ڪارڪنن ۾ ڇڪريون ٿيون جنهن ۾ ڊي آءِ جي اسلام آباد سميت ڪيترائي پوليس اهلڪار /بقايا پڙهو صفحو 2 نمبر 06

عمران خان جي امڪاني گرفتاري: زمان پارڪ ٻاهران پوليس ۽ پي ٽي آءِ ڪارڪنن ۾ ڇڪرين جو ڏيک

گرفتاري جي دعويٰ صرف ڊرامو آهي، اصل نيت اغواءِ قتل جي آهي: عمران خان

هٿين خالي مظاهرين ۽ ملڪ جي سيني کان وڏي پارٽي جنهن جي اڳواڻ کي هڪ غيرقانوني وارنٽ جي منهن ڏيڻو پئجي رهيو آهي

معاملو اڳ ئي عدالت ۾ هجي ۽ ڌوهارين جي حڪومت اغوا ڪري امڪاني طور تي مون کي قتل ڪرڻ لاءِ ڪرشان هجي ۽ سامهون رينجرز بيٺل هجي؟

اسان جي ڪارڪنن ۽ اڳواڻن تي ڪالهه صبح کان ڳوڙها آڻيندڙ گئس جا شيل، ڪيميڪل مليل پاڻي جي توپن ۽ رٻڙ جون گوليون

اسلام آباد (م ڊ) اڳوڻي وزيراعظم عمران خان پنهنجي امڪاني گرفتاري ۽ ان حوالي سان شروع ٿيڻ ڇڪتاڻ تي بيان جاري ڪري ڇڏيو آهي. ٽوئيٽر تي جاري ڪيل بيان ۾ عمران خان چيو آهي ته گرفتاري جي دعويٰ صرف هڪ ڊرامو هو جڏهن ته هنن جي اصل نيت مون کي اغوا ۽ قتل ڪرڻ جي آهي. ڳوڙها آڻيندڙ گئس ۽ آبي توپن کان پوءِ هاڻ هي سڌي فائرنگ تي لهي آيا آهن. هن لکيو ته ڪالهه شام مون ضمانتي بانڊ به ڏنا. پر ڊي آءِ جي وصول ڪرڻ کان انڪار ڪري ڇڏيو هنن جي بدنيتي ۽ ناپاڪ ارادا ظاهر ٿي چڪا /بقايا پڙهو صفحو 2 نمبر 10

صنعان قريشي جي گهر تي فائرنگ: سنڌ سراپا احتجاج

ڪنڊيارو، ٽنگواڻي، ميروخان، فيض گنج، ٺل، ڪنري ۽ ٻين شهرن ۾ احتجاجي مظاهرا ڪيا ويا

جسقم پاران لاڙڪاڻو، دادو، ڪنڊڪوٽ، ٺل، ڪنري، پٽ شاهه ۽ ٻين شهرن ۾ به مظاهرا ڪيا ويا

پوليس جي وردي پهريل هٿيار بندن رات دير سان گهر مٿان سڌي فائرنگ ڪئي : صنعان خان قريشي

حيدرآباد (نمائندن وٽان) جسقم چيئرمين صنعان قريشي جي گهر تي فائرنگ خلاف سنڌ جي مختلف شهرن ۾ احتجاجي مظاهرا ۽ ريليون ڪڍيون /بقايا پڙهو صفحو 2 نمبر 11

جسقم سربراهه صنعان خان قريشي

عمران خان ملڪ ۾ گهرو ويڙهه چاهي ٿو: مريم اورنگزيب

گلگت بلتستان جي فورس استعمال ڪري پنجاب پوليس ۽ رينجرز جا مٿا ڦاڙيا پيا وڃن

پي ٽي آءِ سياسي جماعت نه پر دهشتگردن جو ٽولو آهي

لاهور (م ڊ) عمران خان ملڪ ۾ گهرو ويڙهه چاهي ٿو گلگت بلتستان جي فورس استعمال ڪري پنجاب پوليس ۽ رينجرز جا مٿا ڦاڙيا پيا وڃن. وفاقي /بقايا پڙهو صفحو 2 نمبر 15

ڊجيٽل آدمشماري خلاف ايس ٽي پي جي ٻارهين ڏينهن به احتجاجي ڪئمپ، مختلف پارٽين جا اڳواڻ پهتا

پيپلزپارٽي اقتدار پرست ۽ سنڌ هنن چيو ته ڊجيٽل آدمشماري جهڙي طريقي سان ڪرائي پئي وڃي : اڳواڻ

احتجاجي ڪئمپ تي عوامي تحريڪ جو مرڪزي صدر لال جروار، ادي حور پليجو ۽ نوراحمد ڪاتيار ۽ ٻيا پهتا

انجنيئر شفيق موسوي آدمشماري جي نقصانن ۽ ٽيڪنيڪل خطرن کان پڻ آگاهه ڪيو

ڪراچي (م ڊ) ڊجيٽل آدم شماري خلاف سنڌ ترقي پسند پارٽي طرفان ڪراچي پريس ڪلب اڳيان قائم ڪيل مسلسل ڏينهن رات جاري رهندڙ احتجاجي ڪئمپ ۾ ٻارهين ڏينهن تي به مختلف سياسي سماجي اڳواڻن ۽ سنڌ دوست ڌرين /بقايا پڙهو صفحو 2 نمبر 16

ڪراچي: ڊجيٽل آدم شماري خلاف ايس ٽي پي جي ٻارهين ڏينهن به احتجاجي ڪئمپ تي اڳواڻ ويٺل آهن

عمران خان، ڊرٽي هيري، ڪرڙي ۽ ڪوڪين نه ملڻ جي خوف سبب گرفتاري کان لنوائي رهيو آهي

ڪراچي (م ڊ) عمران خان، ڊرٽي هيري، ڪرڙي ۽ ڪوڪين نه ملڻ جي خوف سبب گرفتاري کان لنوائي رهيو آهي. ملڪ ۾ وڏا وڏا سياستدان گرفتار ٿيندا رهيا آهن يا گرفتاري ڏيندا رهيا آهن پر گرفتاري کان بچڻ لاءِ ڪنهن به سياستدان ڪارڪنن ۽ عورتن جي آڙ نه ورتي آهي. عمران خان جي عمل مان قانون جي حڪمراني واري دعويٰ به واڪي ٿي وئي آهي. دنيا /بقايا پڙهو صفحو 2 نمبر 21

وزيراعظم جو سروسز چيفس جي مدي ۾ واڌ وارو اختيار ختم ڪرڻ لاءِ بل سينيٽ ۾ پيش

ٺئي بل سومر تي جماعت اسلامي جي سينيٽر مشتاق احمد خان پاران جمع ڪرايا ويا

هن انهن بلن کي ناهي پڙهيو ان ڪري مان ان تي تبصرو نٿو ڪري سگهان : قمر زمان ڪائره

اسلام آباد (م ڊ) پارليامينٽ ميمبرن ۽ قانوني ماهرن انهن ٺئي بلن کي هاڪاري قرار ڏنو آهي جنهن ۾ اها تجويز ڏني وئي آهي ته وزيراعظم کي اهو اختيار نه هئڻ گهرجي ته هو آرمي چيف، نيوي چيف، ايئرفورس چيف يا چيئرمين جوائنٽ /بقايا پڙهو صفحو 2 نمبر 23

سڀ کان وڏو ڪم پنهنجي کاتي جي خرابين کي ڳولي انهن کي درست ڪرڻ آهي، سيده شهلا رضا

عورتن بابت ڪيس داخل ڪرڻ جي حوالي سان پوليس نظام کي وڌيڪ بهتر بڻائڻ جي ضرورت آهي

اسان جي حيدرآباد آفيس ڏاڍي محنت سان ڪم ڪري رهي آهي ۽ ڪيترائي اهڙا ڪيس حل ڪيا آهن جن تي گهڻو بحث ٿيو

بدقسمتي سان انهن کي اسان وٽ چار چار سال رکيو وڃي ٿو، جنهن سان ٻيا مسئلا پيدا ٿين ٿا: تقريب کي خطاب

ڪراچي (رپورٽر) وومين ڊولپمينٽ سنڌ جي صوبائي وزير سيده شهلا رضا چيو آهي ته پنهنجي کاتي جي خرابين کي ڳولي ان جي اصلاح /بقايا پڙهو صفحو 2 نمبر 26

گلگت بلتستان جي آءِ جي محمد سعيد کي عهدي تان هٽايو ويو

اسلام آباد (م ڊ) گلگت بلتستان پوليس جي انسپيڪٽر جنرل محمد سعيد کي عهدي تان هٽايو ويو اسٽيبلشمينٽ ڊويزن طرفان آءِ جي گلگت بلتستان کي هٽائڻ جو باقاعدي طور نوٽيفڪيشن به جاري ڪيو ويو آهي. آءِ جي گلگت /بقايا پڙهو صفحو 2 نمبر 28

رمضان المبارڪ ۾ سحري ۽ افطاري دوران لوڊشيڊنگ نه ٿيندي: امتياز شيخ

لوڊشيڊنگ سبب ڪاروباري طبقو سخت متاثر ٿي رهيو آهي

رمضان المبارڪ دوران سحري ۽ افطاري ۾ لوڊشيڊنگ نه ڪئي ويندي

ڪراچي (م ڊ) سنڌ جي توانائي واري وزير امتياز شيخ چيو آهي ته ڪراچي ۾ رمضان المبارڪ مهيني دوران سحري ۽ افطاري جي وقت لوڊشيڊنگ /بقايا پڙهو صفحو 2 نمبر 27

ڊي سي ڪياماڙي پاران پوليو، ليبر روم ۽ انسينيٽر جو افتتاح، ساڃاهه وندن پاران شرڪت

ڊاريڪٽر هيلٿ سروس عبدالحميد جماڻي ۽ ڊي ايڇ او ڪياماڙي عارف رحمن افتتاح ڪيو

موذي مرض جي خاتمي لاءِ 5 سالن تائين جي ٻارڙن کي پوليو جا ڦڙا پيارڻ لازمي آهن: عملدار

پوليو جون ٽيمون گهر گهر وڃي 5 سالن تائين جي ٻارڙن کي پوليو جا ڦڙا پياري پيا وڃن: ڳالهيون

ڪراچي (رپورٽ:باغي ساگر پنهور) ڊي سي ڪياماڙي مختيار ابڙو ڊاريڪٽر هيلٿ سروس عبدالحميد جماڻي ۽ ڊي ايڇ او ڪياماڙي عارف رحمن پاران ڪياماڙي ضلعي ۾ پوليو، ليبر روم ۽ انسينيٽر جو افتتاح ڪيو ان موقعي تي ڊاريڪٽر /بقايا پڙهو صفحو 3 نمبر 01

ڪراچي: ڊي سي ڪياماڙي پاران پوليو، ليبر روم ۽ انسينيٽر جو افتتاح ڪيو پيو وڃي

ٽنڊو محمد خان ۾ آل سنڌ
ايجوڪيشن لوئر اسٽاف پاران
احتجاجي مظاهرو

ٽنڊو محمد خان (رپورٽ:مظفر علي بروهي) ٽنڊو محمد خان ۾ آل سنڌ ايجوڪيشن لوئر اسٽاف پاران سنڌن جائز مسئلا حل نه ٿيڻ خلاف پريس ڪلب آڏو مرڪزي صدر فراز ساتي ؛ ضلعي اڳواڻ علي حسن بلوچ ؛ نويد علي وساڻ ؛ عابد سولنگي ؛ يار محمد پٽي ۽ ٻين جي اڳواڻي ۾ احتجاجي مظاهرو ڪري سخت نعريبازي /بقايا پڙهو صفحو 3 نمبر 06

اوٻاوڙو ويجهو ڪنيڙا ٿاڻي جي حد ۾ هٿياربندن هٿان مقابلي ۾ اي ايس آءِ شهيد

پوليس کي اطلاع مليو ته سي پيڪ مريد شاخ لڳ هوٽل تي ڌوهاري ويٺل آهن:ذريعا

هٿياربندن سڌا فائر ڪري ڏنا، نتيجي ۾ اي ايس آءِ امان الله ابڙو موقعي تي شهيد ٿي ويو

عادلپور/اوٻاوڙو (نمائندن وٽان) اوٻاوڙو ويجهو ڪنيڙا ٿاڻي جي حد افسوس ناڪ واقعو پيش آيو آهي جنهن ۾ هڪ اي ايس آءِ ڌوهارين جي فائرنگ ۾ شهيد ٿي ويو آهي اوٻاوڙو تفصيل مطابق ڪنيڙا ٿاڻي جو اي ايس آءِ امان الله ابڙو کي خفيا اطلاع مليو ته سي پيڪ مريد شاخ لڳ ڪنهن هوٽل تي ڌوهاري ويٺل آهن جڏهن ان نشاناهي تي پهتو ته جوابدارن پوليس کي ڏسندي ئي /بقايا پڙهو صفحو 3 نمبر 07

پاڪستان جي ٺهڻ کان وٺي اڄ ڏينهن تائين وزيراعظمن سان خراب سلوڪ ڪيو ويو آهي: ايڊووڪيٽ معظم بٽ

موجوده صورتحال ۾ سنڌ گهٽو ٻوڙجي پئي، عوام جو آواز بڻجڻ آيا آهيون، سنڌ تي مافيا عرصي کان لاڳو ڪئي آهي

خراب سلوڪ جو شڪار پي ٽي آءِ سربراهه عمران خان ٿي رهيو آهي ۽ موجوده حالتن ۾ عدليه تي تمام گهڻو دٻاءُ آهي

معاشري جي بهتري توڙي انصاف جي بالادستي لاءِ اسان کي ڪردار ادا ڪرڻ گهرجي: وهاب بلوچ، نورالحق قريشي جو خطاب

حيدرآباد (پريس رليز) پاڪستان تحريڪ انصاف جي ذيلي تنظيم انصاف لائيرز فورم پاڪستان (آءِ ايل ايف) پاران مرڪزي ڊپٽي آرگنائيزر ايڊووڪيٽ سپريم ڪورٽ معظم بٽ کي آجياڻو فراهم ڪيو ويو، شاندار آجيان، سنڌي ٽوپين ۽ اجرڪن جا تحفا پيش. رپورٽ موجب انصاف لائيرز فورم سنڌ جي آرگنائيزر جسٽس (ر) نور الحق اين قريشي، صوبائي ڊپٽي آرگنائيزر /بقايا پڙهو صفحو 3 نمبر 10

سنڌ يونائيٽيڊ پارٽي پاران سنڌ جي حقن
جي حاصلات، مهانگائي، بيروزگاري
خلاف مارچ ٺٽي مان روانو

ٺٽو (رپورٽر) سنڌ يونائيٽيڊ پارٽي پاران سنڌ جي حقن جي حاصلات، مهنگائي، بيروزگاري، بدامني، ڊجيٽل ادمشماري، ڌارين آبادڪاري خلاف سکر کان نڪتل ايس يو پي جو پيادل لانگ مارچ ٺٽي شهر پهچڻ بعد رات ترسڻ ڪانپوءِ اڄ صبح جو پنهنجي منزل ڪراچي طرف روانو ٿيڻ کان اڳ ٺٽي شهر ۾ پاڪستان مسلم ليگ /بقايا پڙهو صفحو 3 نمبر 15

WELCOME
We Wormly Welcome
To
MR. MUAZZAM BUTT (ASC)
Central Deputy Orgnizer ILF, Pakistan
FROM: INSAAF LAWYERS FORUM SINDH
PTI

حيدرآباد: ايڊووڪيٽ معظم بٽ آءِ ايف طرفان منعقد ڪيل آجياڻي ۾ خطاب ڪري رهيو آهي

ٽڪراڻي لنڪ روڊ وٽان بسڪوٽن جي سيلزمين کان هٿياربندن پاران هزارين روپيا ڦرلٽ

بسڪوٽ سيل ڪندڙ پورهيت عبدالجبار سومرو کان 81 هزار روپيا روڪ رقم هٿياربند ڦري ويا

ٻچڙن جو گذرسفر ڪرڻ لاءِ بسڪوٽن جي سيل ڪندو آهيان ڦريل رقم واپس ڪرائي وڃي: نوجوان

ڦر جو اطلاع مليو آهي جاءِ واردات تي پهچي ڪري تفصيل ورتا آهن جلد ڦورو گرفتار ڪيا ويندا: عملدار

ٽڪراڻو (رپورٽر) ٽڪراڻي لنڪ روڊ وٽان بسڪوٽن جي سيلزمين کان هٿياربندن پاران 81 هزار روڪ رقم ۽ موبائيل فونون ڦرڻ تي متاثر جو احتجاج ٻچڙن جو گذرسفر ڪرڻ لاءِ بسڪوٽن جي سيل ڪندو آهيان ڦريل رقم ۽ موبائيلون واپس ڪرائي ڏياريون وڃن مطالبو خبر موجب ٽڪراڻو جي مبارڪپور ٿاڻي جي حد روهيهر پل وٽان موٽر سائيڪل سوار نامعلوم ڦورن بسڪوٽ /بقايا پڙهو صفحو 3 نمبر 16

نوشهروفيروز بلاول ڪالوني ۾ ملڪيت جي تڪرار تان ڀائرن جو ڀيڻن مٿان تشدد

ڀيڻ جي ٻانهن ڀچي ڇڏي ،پريس ڪلب اڳيان احتجاج ڀائرن کي گرفتار ڪرڻ جو مطالبو

منظوراحمد نظيراحمد نثاراحمد فاروق احمد مقصود احمد سهتو اسان مٿان روز تشدد ڪن ٿا :ڀيڻرون

پوليس ڪيس وٺڻ جي لاءِ تيار ناهي ۽ چوي ٿو اوهان جا پنهنجا ذاتي مسئلا آهن، انصاف ڪيو وڃي

نوشهروفيروز(ڊ ر) نوشهروفيروز بلاول ڪالوني ۾ ملڪيت جي تڪرار تان ڀائرن جو ڀيڻرن مٿان تشدد لوهي سريا هڻي ڀيڻ جي ٻانهن ڀچي ڇڏي پوليس ڪيس نه وٺڻ تي پريس ڪلب اڳيان احتجاج ڀائرن کي گرفتار ڪرڻ جو مطالبوخبر موجب نوشهروفيروز /بقايا پڙهو صفحو 3 نمبر 19

ٽرڊيپ ۽ يونيسيف پاران ڳوٺ
شاهنواز جمالي ۾ ٻارن جي تحفظ
جي عنوان هيٺ سيمينار

نوابشاهه (رپورٽ اي ڪي ڏاهري) ٽرڊيپ ۽ يونيسيف پاران ڳوٺ شاهنواز جمالي ۾ ٻارن جي تحفظ جي عنوان هيٺ سيمينار منعقد ڪيو ويو جنهن ۾ ٻارن مختلف ٻارن جي سماجي مسئلن تي ٽيبلوز پيش ڪري آگاهي ڏني تفصيل موجب :- ٽرڊيپ پاران يونيسيف جي تعاون سان ٻارن جي تحفظ بابت آگهائي سيمنار منعقد /بقايا پڙهو صفحو 3 نمبر 22

نوشهروفيروز: بلاول ڪالوني جا رهواسي مطالبن جي مڃتا لاءِ احتجاج ڪندي

خيرپور ناٿن شاهه ۾ سٽي پريس ڪلب طرفان ڪتاب پڙهو زندگي سنواريو جي سري هيٺ ميلو ختم

شاعرن ، ليکڪن جي ياد ۾ ڪميونٽي سينٽر ۾ 2 ڏينهن جو ڪتابي ميلو پنهنجي پڄاڻي تي پهتو

ميلي ۾ شاگردن ،استادن سماجي ماڻهن، اديب، ليکڪ ، شاعرن ۽ شهرين وڏي انگ ۾ شرڪت ڪئي

2022 جي ٻوڏ خيرپور ناٿن شاهه جون رونقون تباهه ڪري ماڻهن جون مرڪون کسي ورتيون هيون:اڳواڻ

خيرپور ناٿن شاهه (رپورٽ:برڪت علي چانڊيو) خيرپور ناٿن شاهه ۾ سٽي پريس ڪلب طرفان ڪتاب پڙهو زندگي سنواريو جي سري هيٺ شهر جي عظيم شاعرن . ليکڪن جي ياد ۾ ڪميونٽي سينٽر ۾ 2 ڏينهن جو ڪتابي ميلو پنهنجي پڄاڻي تي پهتو ڪتابي ميلي ۾ شهر جي اسڪولن .ڪسفورڊ گرامر اسڪول ، ايليمنٽري مڊل اسڪول جي شاگردن ،استادن سماجي /بقايا پڙهو صفحو 3 نمبر 26

شاهه لطيف پريس ڪلب پنگريو جي صدر ۽ سنڌس پٽن تي هٿياربندن پاران حملي خلاف احتجاج

جوابدار گرفتار نه ٿيڻ خلاف علي گل ڪوسو سهيل آرائين رفاقت علي آرائين جي اڳواڻي ۾ احتجاج ڪيو ويو

خاصخيلي برادري جي 50 کان وڌيڪ هٿياربند ماڻهن امير خاصخيلي احسان ۽ ٻين سخت تشدد جو نشانو بڻايو

حملو ڪندڙ جوابدارن کي فورن گرفتار ڪري صحافي کي انصاف ۽ تحفظ ڏياريو وڃي، نه ته احتجاج وسيع ڪنداسين

بدين(رپورٽ مرتضيٰ ميمڻ) شاهه لطيف پريس ڪلب پنگريو جي صدر گل محمد ويڙهو ۽ سنڌس پٽن تي هٿياربندن پاران قاتلاڻي حملي ۽ جوابدار گرفتار نه ٿيڻ خلاف علي گل ڪوسو سهيل آرائين رفاقت علي آرائين بشير ڪوسو آصف علي ويڙهو جي اڳواڻي ۾ شاهه لطيف پريس ڪلب اڳيان احتجاجي مظاهرو ڪيو ويو ان موقعي تي هنن چيو ته خاصخيلي برادري جي 50 کان وڌيڪ هٿياربند ماڻهن امير خاصخيلي احسان خاصخيلي جي اڳواڻي ۾ صحافي گل محمد ۽ سنڌن پٽن تي سنڌن هوٽل تي هٿيارن جي زور تي حملو ڪري سخت تشدد جو نشانو بڻايو هنن چيو ته جوابدار حملي ۽ تشدد بعد موٽسار ڌمڪيون ڏنيون هنن چيو ته شهر ۾ سرعام دهشتگردي ڪندي حملو ڪندڙ جوابدار پنگريو ٿاڻي تي اين سي داخل ٿيڻ باوجود آزاد گهمي /بقايا پڙهو صفحو 3 نمبر 28

بدين: پريس ڪلب پنگريو جو صدر ۽ سنڌس پٽن تي هٿياربندن پاران حملي خلاف احتجاج ڪندي

دشمن ڊجيٽل آدمشماري، مهانگائي، پاڻي ۽ قدرتي وسيلن تي ڌاڙي خلاف سرحد ۾ احتجاجي مظاهرو

تراب علي شر محبت علي سميجو. علي شير ڦوڙ. سڪندر علي ڦوڙ. ظفر الله لکڻ پاران اڳواڻي ڪئي وئي

پڙهيل کي بنا سڃاڻپ ڪارڊ جي ڳڻتي ڪوڙن انگن اکرن ذريعي اڪثريت ظاهر ڪئي پئي وڃي:مظاهرين

روزانو کاڌي پيتي وارين شين سان گڏو گڏ عام استعمال وارين شيون مهانگيون ٿي ويون آهن: اڳواڻن جو خطاب

سرحد (رپورٽ:غلام عباس مهر) سرحد :دشمن ڊجيٽل آدمشماري، مهانگائي، پاڻي ۽ قدرتي وسيلن تي ڌاڙي خلاف قومي عوامي تحريڪ جي مرڪزي سڏ تي تراب علي شر محبت علي سميجو علي شير ڦوڙ سڪندر علي ڦوڙ ظفر الله لکڻ محمد پناهه ڦوڙ ۽ ٻين جي اڳواڻي ۾ سرحد شهر کان پريس ڪلب تائين پيادل قومي مارچ ڪيو ويو ان موقعي تي اڳواڻن چيو ته سنڌ دشمن /بقايا پڙهو صفحو 3 نمبر 32

امن ترقي پارٽي جي چيئرمين پاران لاهور ۾ ٿيڻ واري واقعا خطرناڪ قرار

اليڪشن ۽ انتظامن جي لاءِ تمام ادارا متحد ٿي فيصلو ڪن: محمد فائق شاهه

سياسي جماعتن کي ڳالهيون ڪرڻ گهرجن پوليس ۽ مظاهرن جو رد عمل انتشار پکيڙيندو

ڪراچي (رپورٽر) امن ترقي پارٽي جي چيئرمين محمد فايق شاهه لاهور ۾ ٿيڻ واري واقعن کي خطرناڪ قرار ڏيندي چيو آهي قانون ۽ امن تي زور ڏنو آهي هن چيو ته اليڪشن ۽ انتظامن جي لاءِ تمام ادارا متحد ٿي فيصلو ڪن سياسي جماعتن /بقايا پڙهو صفحو 3 نمبر 02

نوشهروفيروز پوليس جي ڪامياب ڪارروائي، وڏي مقدار ۾ منشيات هٿ

پوليس ٽيم سان گڏ اسنيپ چيڪنگ دوران منشيات فروش هڪ گرفتار ڪيو

محمد ملوڪ عباسي کي 500 بوتلون ديسي شراب 5 بوري Z 21 پٽيوالي هٿ ڪري ورتي

نوشهروفيروز (د ر) نوشهروفيروز پوليس جي ڪامياب ڪارروائي، وڏي مقدار ۾ منشيات هٿ، 2 منشيات فروش گرفتار ڪيس داخل. نوشهروفيروز سٽي ٿاڻي جو ايس ايڇ او محمد حنيف مهر پوليس ٽيم سان گڏ اسنيپ چيڪنگ /بقايا پڙهو صفحو 3 نمبر 05

نوشهروفيروز: پوليس جي ڪارروائي ۾ گرفتار جوابدار تحويل ۾ نظراچي رهيا آهن

آرائين ٽيل پرسان ڳوٺ رڏو ربياري ۾ اوچتو وڄ ڪري وڄ ڪرڻ سبب 2 زخمي

وڄ ڪري وڄ ڪرڻ جي نتيجي ۾ ٻه ڌنار زخمي ۽ ٻاڪيءِ ڏنو ربياري جون 7 رڍون مري ويون

زخمين کي ڏيهي صحت مرڪز آندو ويو ريفر ليٽر ڏئي تعلقي اسپتال ٽنڊوباگو روانو ڪيو ويو

ٽنڊوباگو (رپورٽ:سهيل سمون) آرائين ٽيل پرسان ڳوٺ رڏو ربياري ۾ اوچتو وڄ ڪري وڄ ڪرڻ جي نتيجي ۾ ٻه ڌنار زخمي ۽ ٻاڪيءِ ڏنو ربياري /بقايا پڙهو صفحو 3 نمبر 09

ٺٽي حيدرآباد قومي شاهراهه تي اونگر لڳ جهرڪ پوليس پاران گرفتارين خلاف احتجاج

ٻن نوجوانن جي گرفتاري خلاف ٻبر برادري جي ماڻهن پاران احتجاجي مظاهرو ۽ ڌرڻو هنيو ويو

ٺٽي کان حيدرآباد ۽ ٻين علائقن ڏانهن ويندڙ سوين گاڏيون بيهجي ويون، شديد نعريبازي

ٺٽو (رپورٽ:جاويد ميمڻ) ٺٽي حيدرآباد قومي شاهراهه تي اونگر لڳ جهرڪ پوليس پاران ٻبر برادري جي ٻن نوجوانن جي گرفتاري خلاف ٻبر برادري جي ماڻهن پاران احتجاجي مظاهرو ۽ ڌرڻو احتجاج ڪندڙن قومي شاهراهه تي ڌرڻو هڻي /بقايا پڙهو صفحو 3 نمبر 12

ايس ايس پي ٺٽو جي هدايتن تي مختلف ٿاڻن جي پوليس پاران ڪارروايون جاري

مختلف ٿاڻن جي پوليس پاران منشيات وڪرو ڪندڙن خلاف ڪارروائيون ڪري گرفتاريون ڪيون

محمد هاشم سومرو ٺٽي جي ناڪا گرائونڊ، الله ڪهائي لنڪ روڊ ٺٽو ۽ مسڻ محله ۾ ڪارروائيون ڪيون

ٺٽو (رپورٽ:جاويد ميمڻ) ايس ايس پي ٺٽو عديل حسين چانڊيو جي سخت هدايتن تحت ٺٽي ضلعي جي مختلف ٿاڻن جي پوليس پاران ڦڙتيون /بقايا پڙهو صفحو 3 نمبر 14

ٺٽو: پوليس جي ڪارروائي ۾ گرفتار جوابدار تحويل ۾ نظر اينڊي

ٽنڊوباگو شهر جي وارڊ نمبر 5 رهواسي خاصخيلي برادري پاران احتجاجي مظاهرو

علي نواز خاصخيلي، غلام مصطفي خاصخيلي، مسمات فخرالنساءِ، شمشاد مظاهرو ڪيو

اسان جو ڀاءُ نظير احمد خاصخيلي منشيات فروش آهي جيڪو ڪوڙيون درخواستون ڏئي ٿو: مظاهرين

ٽنڊوباگو(رپورٽ:سهيل سمون) ٽنڊوباگو شهر جي وارڊ نمبر 5 رهواسي خاصخيلي برادري عورتن مردن ۽ معصوم ٻارڙن سان گڏ ٽنڊوباگو پريس ڪلب اڳيان علي نواز خاصخيلي، غلام مصطفي خاصخيلي، مسمات فخرالنساءِ، شمشاد /بقايا پڙهو صفحو 3 نمبر 18

اوٻاوڙو ۾ آءِ بي اي جي ٽيسٽ پاس ڪندڙن پاران مطالبن جي مڃتا لاءِ احتجاجي مظاهرو

احمد نواز چاچڙ، جاويد احمد شر ۽ ٻين جي اڳواڻي ۾ شهر جي پٺاڻي چوڪ کان ريلي ڪڍي وئي

ڊي اي او گهوٽڪي چيو خبر ئي ناهي ته اهي سيٽون ڪٿي لڪل آهن فنانس وارن غلط رپورٽ ڏني آهي

اوٻاوڙو (رپورٽ:غلام علي رند) آءِ بي اي، ٽيسٽ پاس ڪندڙ پي، ايس، ٽي، ۽ جي، ايس، ٽي، پاس ڪندڙ اميدوارن جو نعمت عباسي، عبدالمنان سومرو، گل نواز سولنگي، قابل تيسر رند ،احمد نواز چاچڙ، جاويد احمد شر ۽ ٻين جي اڳواڻي /بقايا پڙهو صفحو 3 نمبر 21

IBA
اسين
ٽيسٽ پاس

اوٻاوڙو: آءِ بي اي ٽيسٽ ڏيندڙ اميدوار مطالبن جي مڃتا لاءِ احتجاج ڪندي

نئون ديرو ۾ پ پ شهيد ڀٽو جو 28 هون يوم تاسيس ملهايو ويو، ڪارڪنن جي شرڪت

سينٽرل ايگزيڪٽو ڪاميٽي جي ميمبر غلام حيدر ناريجو جي صدارت ۾ تقريب ٿي

تاسيس جي تقريب ۾ پارٽي اڳواڻن ۽ ورڪرن ڪيڪ ڪاٽي هڪٻئي کي مبارڪون ڏنيون

نئون ديرو (رپورٽ:شاد محمود پٽو)پ پ شهيد ڀٽو جو 28 هون يوم تاسيس پ ب شهيد ڀٽو سٽي نئون ديرو پاران ملهايو ويو پ ب شهيد ڀٽو جي سينٽرل ايگزيڪٽو ڪاميٽي جي ميمبر غلام حيدر ناريجو جي صدارت ۾ تقريب ٿي جنهن /بقايا پڙهو صفحو 3 نمبر 25

پياءَ ۽ جاگيراڻي گينگ جي هٿياربندن پاران پوليس پڪٽ تي ڪاهه جو ڪيس داخل

سجاد جکراڻي، ۽ عبدالغفار رستڙو کي اغوا ڪرڻ واري عمل خلاف سرڪار جي فرياد تي ڪيس داخل

20 جوابدارن مٿان دراني مهر ٿاڻي تي ڪيس داخل ڪيو ويو ۽ 17 جوبدارن کي ڪيس ۾ نامزد ڪيو ويو

غوثپور(عبدالنبي ملڪ) غوثپور 4 ڏينهن اڳ پياءَ ۽ جاگيراڻي گينگ جي هٿيار بندن پاران دراني مهر ٿاڻي جي دڙ پوليس پڪٽ تي ڪاهه ڪري ٻن پوليس اهلڪارن سجاد جکراڻي، ۽ عبدالغفار وستڙو کي اغوا ڪرڻ واري عمل خلاف سرڪار /بقايا پڙهو صفحو 3 نمبر 27

گورنمينٽ بوائز ڊگري ڪاليج نئون ديرو ۾ سائنس ايگزيبشن لڳايو ويو، ماڊل نمائش لاءِ پيش

ڪاليج جي پرنسپال محمد عتيق سومرو آيل مهمانن کي آجياڻو پيش ڪندي اجرڪ اوڍايا

انساني دل، پيشاب جي سرشتي، ڦڦڙي، ايڪو سسٽم، ايڇ آءِ وي وائرس، ساهه کڻڻ جي سرشتي جا ماڊل پيش

نئون ديرو(رپورٽ شاد محمود پٽو) گورنمينٽ بوائز ڊگري ڪاليج نئون ديرو ۾ سائنس ايگزيبشن لڳايو ويو ايگزيبشن جو افتتاح ڊائريڪٽر ڪاليجز احمد بخش پٽو ڪيو جڏهن ته ڪاليج جي پرنسپال محمد عتيق سومرو آيل مهمانن /بقايا پڙهو صفحو 3 نمبر 29

احتجاج
قومي مارچ

سرحد: قومي عوامي تحريڪ طرفان مطالبن جي مڃتا لاءِ احتجاج ڪيو پيو وڃي

ٽائون ڪميٽي گهارو جي سمورن ملازمن کي ايڊمنسٽريٽر پاران ڪٽون پارايون ويون

عبدالغفور جاکرو ڪين پنهنجا فرائض ايمانداري سان سرانجام ڏيڻ جو پابند بڻايو ويو

عوام جا خادم آهيون ۽ شهرين جي خدمت ڪرڻ اسان جو نصب العين آهي: عبدالغفور جاکرو

شهري سڌيءَ ريت رابطي ۾ اچن ته جيئن سنڌن مسئلن کي احسن طريقي سان حل ڪري سگهجي

گهارو (بشام جوکيو) ٽائون ڪميٽي گهارو جي سمورن ملازمن کي ايڊمنسٽريٽر عبدالغفور جاکرو پاران ڪٽون پارائي ڪين پنهنجا فرائض ايمانداري سان سرانجام ڏيڻ جو پابند بڻايو ويو ملازمن کي ڪٽون پارائڻ دوران ٽائون ڪميٽي گهارو /بقايا پڙهو صفحو 3 نمبر 03

گهارو: ٽائون ڪميٽي گهارو جا سمورا ملازم مطالبن جي مڃتا لاءِ احتجاج ڪندي

راٽيپور ۾ پي ٽي آءِ جي صوبائي اڳواڻ
سيد احمد علي شاهه جيلاني پاران
احتجاجي مظاهرو

راٽيپور (رپورٽر) راٽيپور ۾ پي ٽي آءِ جي صوبائي اڳواڻ سيد احمد علي شاهه جيلاني جي اڳواڻي ۾ عمران خان جي امڪاني گرفتاري خلاف قومي شاهراهه تي ڌرڻو هنيو ويو ۽ احتجاجي ريلي ڪڍي وئي رپورٽ موجب تحريڪ انصاف جي قائد عمران خان جي امڪاني گرفتاري خلاف تحريڪ انصاف جي ڪارڪنن /بقايا پڙهو صفحو 3 نمبر 04

عادلپور ٿاڻي جي حد منٽري چوڪ وٽ پوليس اهلڪار کان ڦرجي ڪوشش

مزاحمت ڪرڻ تي جنگهه ۾ گولي لڳڻ سبب ننڍو منشي عبدالحفيظ زخمي ٿيو

گشت ڪري رهيا هئاسين ته ڌوهارين موٽرسائيڪل ڦر ڪرڻ جي ڪوشش ڪئي: زخمي اهلڪار

عادلپور(رپورٽ اسلم مهر) عادلپور ٿاڻي جي حد منٽري چوڪ وٽ پوليس اهلڪار کان ڦرجي ڪوشش مزاحمت ڪرڻ تي جنگهه ۾ گولي لڳڻ سبب عادلپور ٿاڻي جو ننڍو منشي عبدالحفيظ ولد مولا بخش ڏانڊو زخمي ٿي پيو جنهن کي علاج لاءِ تعلقي اسپتال گهوٽڪي منتقل ڪيو ويو ان حوالي سان هٿياربندن هٿان زخمي ٿيل عادلپور ٿاڻي جي ننڍي منشي عبدالحفيظ ڏانڊو ٻڌايو /بقايا پڙهو صفحو 3 نمبر 08

ڊسٽرڪٽ اينڊ سيشن جج ٺٽو پاران عوامي شڪايتن جو نوٽيس ورتو، واٽر سپلاءِ جو دورو

سپلاءِ اسڪيمن ۽ ڊرينيجن جو دورو ڪري پيئڻ جي پاڻي جي فراهمي ،صفائي سٿرائي جو جائزو ورتو

صفائي سٿرائي ڪري پيئڻ جي پاڻي جي فراهمي کي فوري طور تي هر ممڪن يقيني بڻايو وڃي: سيشن جج

مشينري کي هر وقت فعال رکيو وڃي ۽ ماڻهن کي صاف پيئڻ جي فراهمي کي هر صورت ۾ يقيني بڻايو وڃي

ٺٽو (رپورٽ: جاويد ميمڻ) ڊسٽرڪٽ اينڊ سيشن جج ٺٽو خالد شاهاڻي عوامي شڪايتن جو نوٽيس وٺندي ڊپٽي ڪمشنر ٺٽو غلام فاروق سومرو ۽ ٻين واسطيدار عملدارن سان گڏ مڪلي ۽ ٺٽو واٽر سپلاءِ اسڪيمن ۽ ڊرينيجن جو دورو ڪري پيئڻ جي پاڻي جي فراهمي ،صفائي سٿرائي ۽ ٻين تمام صورتحال جو جائزو ورتو ان موقعي ڊسٽرڪٽ اينڊ سيشن جج ڊپٽي ڪمشنر ۽ ٻين واسطيدار /بقايا پڙهو صفحو 3 نمبر 11

ٺٽو: ڊسٽرڪٽ اينڊ سيشن جج عوامي شڪايتن جو نوٽيس وٺندي واٽر سپلاءِ جو دورو ڪندي

ٽنڊو محمد خان ۾ جسقم چيئرمين
صنعان قريشي جي گهر تي پوليس
چڙهائي خلاف احتجاج

ٽنڊو محمد خان (رپورٽ:مظفر علي بروهي) جسقم جي مرڪزي چيئرمين صنعان قريشي جي گهر تي پوليس ۽ ادارن پاران بلاجواز چڙهائي ۽ فائرنگ ڪرڻ خلاف جسقم ضلعي ٽنڊو محمد خان پاران ضلعي صدر ظهور هاليپوٽو ؛ عنايت ڪنڀار ؛ پپو پرڳڙي ۽ ٻين جي اڳواڻي ۾ پريس ڪلب اڳيان احتجاجي مظاهرو ڪيو ويو /بقايا پڙهو صفحو 3 نمبر 13

ڪراچي سچل ڳوٺ ٿاڻي جي حد اندر منشيات جو ڪڏو ڪاروبار هلندڙ، منٿلي مقرر

منشيات جو ڪڏو ڪاروبار ڪندڙن خلاف ڪا به ڪاروائي نه ڪئي نوجوان نسل تباهه

منشيات فروش بنا ڪنهن خوف ڊپ جي سرعام منشيات وڪرو ڪري رهيا آهن:شهري

ڪاروائي ڪندي ملوث پوليس اهلڪارن خلاف ڪاروائي ڪرڻ جي گهر ڪيون ٿا: ڳالهيون

ڪراچي (رپورٽ:باغي ساگر پنهوار) ڪراچي سچل ڳوٺ ٿاڻي جي حد اندر منشيات جو ڪڏو ڪاروبار هلندڙ پوليس منٿليون وٺڻ عيوض منشيات جو ڪڏو ڪاروبار ڪندڙن خلاف ڪا به ڪاروائي نه ڪئي نوجوان نسل تباهه ٿيڻ لڳو ايس ايڇ او طرفان پڪڙيل چرس گٽڪو نشي آور سوپاريون هٿ ڪرڻ بعد پوليس اهلڪارن جي معرفت تي منشيات فروشن کي وڪرو ڪرڻ لڳيخبرموجب /بقايا پڙهو صفحو 3 نمبر 17

جسقم چيئرمين صنعان خان قريشي جي گهر تي حملي خلاف گهوٽڪي ۾ احتجاجي مظاهرو

ڪارڪنن پٺاڻي چوڪ کان ريلي ڪڍي شهر جي مختلف رستن تان گشت ڪري مظاهرو ڪيو

بشير خان قريشي جي گهر تي حملي ڪندڙ جوابدارن جي گرفتاري لاءِ سخت نعريبازي ڪئي وئي

شهيد بشيرخان قريشي جي گهر تي حملو کليل دهشتگردي آهي، معاملي جو نوٽيس ورتو وڃي: مظاهرين

گهوٽڪي (رپورٽ:لالچند سوٽواڻي) جسقم چيئرمين صنعان خان قريشي جي گهر تي حملي خلاف جسقم ڪارڪن روڊن تي نڪري آيا ڪارڪنن پٺاڻي چوڪ کان ريلي ڪڍي شهر جي مختلف رستن تان گشت ڪري ڊسٽرڪٽ هيڊ ڪوارٽر /بقايا پڙهو صفحو 3 نمبر 20

گهوٽڪي: جسقم چيئرمين صنعان خان قريشي جي گهر تي حملي خلاف احتجاج ڪيو پيو وڃي

نوشهروفيروز ويجهو قومي
شاهراهه تي ٻاءِ پاس وٽ ٽرالر
جو چنگچي کي ٽڪر

نوشهروفيروز (رپورٽ اسد علي عمراڻي) نوشهروفيروز ٻاءِ پاس تي ٽرالر جو چنگچي کي زوردار ٽڪر لڳي پيو جنهن جي نتيجي ۾ ٻن سالن جو ڪوثين مغل فوت ٿي ويو جڏهن ته ٻارڙي سميت 5 زخمي ٿي پيا زخمين ۾ ٻارڙي سعديه، ٽن سالن جو حونين سنڌن امڙ، محمود، بلاول ۽ چنگچي ڊرائيور نذير شامل آهن زخمين /بقايا پڙهو صفحو 3 نمبر 23

ٺٽي ۾ تحريڪ انصاف جي چيئرمين جي گرفتاري جي ڪوشش خلاف احتجاجي مظاهرو

زمان پارڪ ٻاهران پاڪستان تحريڪ انصاف جي ڪارڪنن تي سخت تشدد خلاف مظاهرو ڪيو

ڪيميڪل مليل پاڻي ڇڏڻ خلاف ٺٽي ۾ مين نيشنل هاءِ وي تي ٽائرن کي باهيون ڏئي مظاهرو ڪيو

هوش محمد عباسي، نائب صدر ذوالفقار زلفي ڳاهو، ايڊيشنل جنرل سيڪريٽري مير ساجد جوکيو شريڪ

ٺٽو (رپورٽر) پاڪستان تحريڪ انصاف جي چيئرمن ۽ اڳوڻي وزيراعظم عمران خان جي خلاف موجوده امپورٽڊ حڪومت پاران بي بنياد ۽ ڪوڙا ڪيس داخل ڪرڻ ۽ امڪاني گرفتاري ۽ زمان پارڪ ٻاهران پاڪستان تحريڪ انصاف جي ڪارڪنن تي سخت تشدد لٺ بازي، آنسوگيس شيلنگ.واٽر ڪينن ذريعي زهريلو پاڻي ڇڏڻ خلاف پاڪستان تحريڪ انصاف ٺٽو، پاڪستان /بقايا پڙهو صفحو 3 نمبر 24

ٽنڊوباگو جي رهواسين جو پوليس ۽ ٻاٿرن جي خلاف احتجاجي مظاهرو

وارڊ نمبر 5 جي رهواسين عورتن مردن علي نواز خاصخيلي راجا خاصخيلي مظاهرو ڪيو

نظير احمد خاصخيلي امر خاصخيلي نريش ڪمارُ ٻين جي ونگار وهندي ڪيس داخل ڪيا ويا

ايماندار آفيسر کان انڪوائري ڪرائي ڪوڙا ڪيس ختم ڪري ڪين انصاف ۽ تحفظ ڏياريو وڃي

بدين (رپورٽ:مرتضيٰ ميمڻ) ٽنڊوباگو جي رهواسين جو پوليس ۽ ٻاٿرن جي خلاف بدين پريس ڪلب جي اڳيان احتجاجي مظاهرو انصاف جي گهر تفصيل موجب ٽنڊو باگو شهر جي وارڊ نمبر 5 جي رهواسين عورتن مردن علي نواز خاصخيلي راجا خاصخيلي مهراڻ خاصخيلي مسمات زيب النساءِ الهيجائي خاصخيلي مسمات پروين خاصخيلي ٽنڊو باگو پوليس ۽ ٻاٿرن جي خلاف احتجاجي مظاهرو ڪري سخت نعريبازي ڪئي هن موقعي تي هنن چيو ته سنڌن ٻاٿر مخالفن نظير احمد خاصخيلي امرخاصخيلي نريش ڪمارُ ٻين جي ونگار وهندي ٽنڊو باگو پوليس ڪوڙا ڪيس داخل ڪري چادر چوديواري جو تقدس پائمال ڪري سنڌن گهرن تي چڙهايون ڪري ظلم ڪري رهي آهي جنهن جي ڪري سنڌن سڄو /بقايا پڙهو صفحو 3 نمبر 30

بدين: پوليس ۽ ٻاٿرن جي خلاف رهواسي احتجاج ڪري رهيا آهن

دادو ۾ استادن جي تنظيم پ ٽ الف دادو ٽائون ۽ پ ٽ الف تعلقي پاران احتجاج

پريس ڪلب اڳيان امتياز لنڊ، عنايت علي جمالي، امان الله هنگورو، الهبچايو ميٽو مظاهرو ڪيو

اياز احمد ٽيپو، صابر علي ڏاوچ ۽ ٻين استادن جي اڳواڻي ۾ علامتي بک هڙتال ڪري احتجاج ڪيو

ميٽرڪ سسٽم سبب غير حاضري ڄاڻائي ڊي اي او پرائمري پاران ڏنل استادن کي سزائون ختم ڪيون وڃن

دادو(رپورٽ:عزيزالله خاصخيلي) دادو ۾ استادن جي تنظيم پ ٽ الف دادو ٽائون ۽ پ ٽ الف تعلقي دادو جي اڳواڻن پاران پنهنجن مطالبن جي مڃتا لاءِ اڄ 13 ڏينهن به پريس ڪلب اڳيان امتياز لنڊ، عنايت علي جمالي، امان الله هنگورو، الهبچايو ميٽو، محمد وسيم ڪوڪر، جهنڊو خان ٻبر، اياز احمد ٽيپو، صابر علي ڏاوچ ۽ ٻين استادن جي اڳواڻي ۾ علامتي بک هڙتال ڪري احتجاجي /بقايا پڙهو صفحو 3 نمبر 31

*** روزاني سنڌيار سکر پبلشر اي حسين، سم پرنٽنگ پريس بي آر آر ٽاور چندريگر روڊ ڪراچي مان ڇپرائي سکر آفيس گهر نمبر سي 92، دهلي مسلم هائوسنگ سوسائٽي ايئرپورٽ روڊ سکر مان پڌري ڪئي وئي***

روزاني
سنڌيار
ايڊيٽر: اعجاز مهر
Daily SINDHYAR
www.dailysindhyar.com

خميس 16 مارچ 2023ع

عالمي بينڪ جي چرڪائيندڙ رپورٽ

جٽادار ترقيءَ بابت عالمي بينڪ جي ڏکڻ ايشيا واري ريجنل ڊائريڪٽر جان اي روم سنڌ جي وڏي وزير سيد مراد علي شاهه سان ملاقات ڪري پاڪستان ۾ موسمياتي تبديلين سبب رَسندڙ هاڃن جي امڪانن، ان جي نتيجي ۾ وڌندڙ غربت، ڏڪار، ٻوڏ ۽ سامونڊي سطح ۾ واڌ ۽ ملڪي معيشت جي ڪمزورين ۽ ڪوتاهين کان آگاهي ڏني آهي. عالمي بينڪ جي نمائندي جي خيال موجب، پاڪستان ۾ غربت جا مک سبب معاشي غير جٽاداري، پرڏيهي ناڻي جي آمد ۾ گهٽتائي، گردشي قرض ۽ ناقص ٽيڪس اوڳاڙي آهن. رپورٽ موجب 2022ع واري ٻوڏ پاڪستان ۾ 2030ع تائين ايس ڊي گولز (جٽادار ترقيءَ بابت مقرر ڪيل هدف) حاصل ڪرڻ ۾ رڪاوٽ بڻجندي. اٽڪل 84 کان 91 لک ماڻهو غربت جي ليڪي کان هيٺ هوندا. جڏهن ته 60 کان 70 لک ماڻهو مالي بحران سان متاثر ٿيندا. 76 لک ماڻهو غذائي کوٽ کي منهن ڏئي رهيا آهن، 17 ملين عورتن ۽ ٻارن کي مختلف بيمارين جو خطرو آهي. اڳتي هلي 43 لک ماڻهن کي روزگار جي کوٽ کي منهن ڏيڻو پوندو. سنڌ جي وڏي وزير پلاننگ کاتي جي ٽيم کي هدايت ڪئي ته اها ورلڊ بينڪ جي رپورٽ ۽ سفارشن جو مطالعو ڪري، انهيءَ رپورٽ جي روشنيءَ ۾ پنهنجو ترقياتي پلان ترتيب ڏئي ته جيئن پائيدار ترقيءَ ذريعي صوبي مان غربت جو خاتمو آڻي سگهجي.

گرين هائوس گئسن جو گهڻو اخراج ماحولياتي دهشتگردي آهي، جنهن جو شڪار سڀ کان وڌيڪ غريب، غير صنعتي ۽ پوئتي پيل ملڪ ٿين ٿا، جيڪي بنهه گهٽ مقدار ۾ انهن گئسن جو اخراج ڪن ٿا. پاڪستان جو گرين هائوس گئسن جي اخراج ۾ حصو صرف هڪ سيڪڙو آهي، پر اهو وڏي پئماني تي ماحولياتي تباهيءَ کي ڀوڳي رهيو آهي. پاڪستان ۾ به ماحولياتي تباهيءَ جو سڀ کان وڏو شڪار سنڌ ٿي رهي آهي، جتي غربت جو گراف ٻين صوبن کان گهڻو وڌيڪ آهي. سسٽم مان پاڻيءَ جو پورو حصو نه ملڻ جي ڪري سنڌ جي معيشت ۽ ماحوليات تباهه ٿي وئي آهي. سڪايو به سنڌ کي ويندو آهي ته ٻوڙيو به سنڌ کي ويندو آهي. غربت، ڏڪار، ٻوڏن ۽ بيمارين جو منهن سنڌ ڏانهن آهي. غير فطري لڏ پلاڻ به سنڌ ڏانهن! عالمي بينڪ جي نمائندي اهو خدشو ظاهر ڪيو آهي ته، 2022ع واري ٻوڏ سبب ٿيل نقصان جي ڪري پاڪستان ۾ 2030ع جي ايس ڊي گولز حاصل نه ٿي سگهڻ جا امڪان آهن. اسان هتي اهو ذڪر ڪرڻ مهلائتو ٿا سمجهون ته سنڌ ۾ ته اڃان ته 2010ع واري ٻوڏ ۾ تباهه ٿيل انفرا اسٽرڪچر جي بحالي ئي نه ٿي سگهي آهي، 2022ع واري ٻوڏ ته پوءِ جي ڳالهه آهي. هتي بحالي ۽ ترقي ته بي معنيٰ اصطلاح بڻيل آهن. هتي هر قدرتي آفت سبب ايندڙ تباهيءَ جو تسلسل اتان شروع ٿيندو آهي، جتي پهرين قدرتي آفت ڇڏيو هو. ٻي ڳالهه ته 2022ع ۾ به سڀ کان گهڻي تباهي، ٻوڙ ۾ هجڻ جي ڪري سنڌ ۾ آئي. سنڌ کي بحاليءَ لاءِ مليل عالمي امداد ۾ به وفاقي حڪومت نظرانداز ڪيو.

عالمي بينڪ جي نمائندي طرفان پرزنٽيشن کان پوءِ سنڌ سرڪار اڳهور ننڊ مان ڇرڪ ڀري اٿي آهي ۽ رٿابندي کاتي جي ٽيم کي چيو آهي ته عالمي بينڪ جي رپورٽ ۽ سفارشن جي روشنيءَ ۾ پلان جوڙيو وڃي ته، غربت جو خاتمو آڻي سگهجي، نه ته شايد ان کان اڳ سنڌ جي منتظمين کي به اها خبر ئي نه هئي ته، ان ٻوڏ جا اثر ايڏا هاڃيڪار آهن، جو جٽادار ترقيءَ جا هدف حاصل ٿي نه سگهندا. رٿابندي کاتو سنڌ جي ترقيءَ لاءِ رٿابندي ته اڳ ۾ به ڪندو رهيو آهي، پر اها ترقي ڪنهن ٻئي گرهه تي ٿيندي هجي ته ٿيندي هجي، پر هتي اها نظر نٿي اچي. عالمي بينڪ طرفان غربت ۾ واڌ، ماحولياتي تباهيءَ سبب ڏڪار، بيمارين، غذائي کوٽ جو خدشو ظاهر ڪيو ويو آهي، ان مان ته گهڻي ڀاڱي سنڌ متاثر ٿيندي. عالمي بينڪ طرفان ڪيل سفارشن مان گهڻيون اهڙيون آهن، جن تي عمل وفاقي حڪومت جي ذميواري آهي، پر ڪجهه اپاءَ سنڌ سرڪار تي پڻ واجب ٿين ٿا، جن لاءِ سنجيده قدم کڻڻ جي ضرورت آهي، جيئن غربت جو خاتمو اچي سگهي، ڏڪار ۽ بيمارين جو رستو روڪي سگهجي.

هي سياسي پارٽيون آهن يا لشڪر؟

ممتاز منگي

هن ملڪ ۾ اڪثريتي حڪمران طبقي جون پارٽيون، جن کي عرفِ عام ۾ سياسي پارٽيون چيو ٿو وڃي، ڇا انهن کي سياسي پارٽيون چئي ٿو سگهجي؟ ڪنهن سياسي پارٽيءَ جي تشريح يا جوڙجڪ کي سمجهڻ ڪيترو ڏکيو آهي؟ پر اڄ جي دور ۾ سياسي پارٽيءَ جي تشريح تمام گهڻن ماڻهن جي لاءِ تمام سولي ۽ آسان پڻ آهي، ڇو ته ڪنهن به سياسي پارٽيءَ جي جوڙجڪ جو بنياد ان تي هوندو آهي ته عوام جي سياسي ۽ معاشي حقن جي حاصلات سان گڏوگڏ عوام جو اقتدار اعليٰ قائم ڪجي.

جنهن کي اسان جمهوريت چئون ٿا پر ان ۾ هڪ پهلو هيو به شامل آهي ته ڪي ڪابي ڌر سان ۽ خاص ڪري ڪميونسٽ نظرئي سان تعلق رکندڙ سياسي پارٽيون عوام جي معاشي ۽ سياسي حقن جي لاءِ جدوجهد ته ڪنديون آهن پر اهي طبقاتي سماج جي جمهوري نظام کي "بورجوا ڊيموڪريسي" سڏينديون آهن. تنهن ڪري انهن جي گهڻي تفصيل ۾ پاڻ نٿا وڃون. ڇو ته ان سان مضمون جي اندر وڌيڪ طوالت اچي ويندي، پر جمهوري معاشرن جي اندر تمام سياسي پارٽيون پنهنجي ڪمپوزيشن يعني جوڙجڪ ۾ خود پارٽيءَ جي اندر جمهوري اصول کي بنياد سمجهنديون آهن ۽ پارٽيون سال يا ٻن کان پوءِ پنهنجي پارٽي اليڪشن جي عمل کي تمام گهڻو کليو ۽ شفاف رکندي اڳتي وڌنديون آهن.

جڏهن ڪا پارٽي جمهوري پراسس پنهنجي پارٽي جي فريم جي اندر رکي ٿي ته اها پارٽي ڪنهن به صورت ۾ ڪنهن خاندان جي گرفت ۾ نٿي رهي سگهي. ها، جيڪڏهن ڪو خاندان تمام گهڻي سياسي شعور يا قربانين سان پارٽيءَ سان ساٿ نڀائي ٿو ته پارٽي انهيءَ جو قدر ڪندي چونڊ عمل ۾ ان کي اڳتي آڻي ٿي ۽ ڪجهه وقت گذرڻ کان پوءِ ڪيترو به بااثر خاندان مستقل بنيادن تي پارٽيءَ جي اندر پنهنجو ڪنٽرول نٿو رکي سگهي.

اهوئي سبب آهي جو انهن جمهوري عمل مان گذرندڙ پارٽين جي اندر ڪرپشن، اقرباپروري يا ذاتي گروهه بندي گهڻو وقت نه رهي سگهي ٿي ۽ نه نظر اچي ٿي. اهوئي عمل وڌندي ملڪ جي جمهوري نظام ۾ پنهنجو جمهوري ڪردار ادا ڪندي پارٽيون رياست جي اندر جمهوريت کي مضبوط کان مضبوط ڪندي اڳتي وڌن ٿيون ۽ ان ئي عمل سان عوام جي اندر هڪ مستقل مزاجي، حب الوطني پيدا ٿيندي ۽ بي چينيءَ کان نجات ملندي محسوس ٿئي ٿي. ڀلي طبقاتي سماج جي اندر معاشي لوڏا اچن پر مضبوط جمهوري نظام ۽ پارٽيون انهن بحرانن کي منهن ڏيندي تاريخ جي سفر ۾ اڳتي وڌي ٿا وڃن پر جتي پارٽيون پاڻ کي جمهوري پارٽيون ته چورائين پر انهن جي اندر ڪنهن به قسم جو جمهوري ڪلچر، پري پري تائين نظر نه اچي، ليڊرشپ جي گرفت طاقتور کان طاقتور انداز ۾ هجي.

اهڙي جماعت کي ڪنهن به صورت ۾ جمهوري پارٽي نٿو چئي سگهجي. نه وري اهڙي قسم جي پارٽي ملڪي نظام جي اندر جمهوريت کي مستحڪم ڪرڻ ۾ ڪو ڪردار ادا ڪرڻ جي لاءِ سنجيده نظر ايندي. اهڙيون پارٽيون معاشري جي اندر سماجي ۽ معاشي حالتن جي ابتريءَ جو فائدو وٺندي من موهيندڙ نعرا ڏيڻ سان گڏوگڏ مخالف جماعتن جي لاءِ (يعني هڪ ٻئي جي خلاف) صرف ۽ صرف الزامن جي ڀرمار ڪنديون آهن ۽ انهن الزامن ۾ گهڻي ڀاڱي تنقيد ليڊرشپ تي ڪئي ويندي آهي. ڇو ته ليڊرشپ تي تنقيد جو فائدو تنقيد ڪندڙ ليڊر کي ملندو آهي، هڪ جو ڪردار برو ۽ پنهنجو ڪردار مثالي ۽ بهتر. تنهن ڪري انهن جي پوري اها ڪوشش هوندي آهي ته پارٽيءَ کي طاقتور ڪرڻ بجاءِ ۽ ان ۾ جمهوريت جو روح ڦوڪڻ بجاءِ صرف عظيم ۽ ڪرشماتي ليڊرشپ کي اڀارڻ جي حڪمتِ عملي اختيار ڪندي اڳتي وڌندو رهجي.

هن وقت پاڪستان جي اندر حڪومت ۽ اپوزيشن جي اندر پارٽين جي ٽڪراءَ ۾ جيڪا به تنقيد ڪئي ٿي وڃي ۽ جيڪا به ڪردار ڪشي ڪئي ٿي وڃي، پنهنجي طرفان صرف ۽ صرف ليڊرشپ تي تنقيد ڪئي ٿي وڃي. ڪا به پارٽي ٻي پارٽيءَ جي منشور تي تنقيد ڪندي پنهنجي منشور کي پيش ڪرڻ جي ڪوشش ڪندي نظر نه ايندي ۽ نه ڪا پارٽي اها تنقيد ڪندي ته فلاڻي پارٽيءَ جي اندر پارٽي جمهوريت نالي ڪجهه به نه آهي. نالي ماتر جيڪي به پارٽين جي اندر چونڊون ڪرايون ٿيون وڃن، اهي صرف ۽ صرف پنهنجي اليڪشن ڪميشن وٽ رجسٽريشن کي برقرار رکڻ جي لاءِ ٽوپي ڊراما ڪيا ويندا آهن.

مثال، آمريڪا جي اندر جڏهن به ڪنهن پارٽيءَ جي ليڊر جي، يعني صدارتي اميدوار جي چونڊ ٿيندي آهي ته ان جي نامزدگي پارٽيءَ جو هيٺانهون يا مٿانهون ادارو ناهي ڪندو پر پارٽيءَ جي اندر ان جي پوري چونڊ ٿيندي آهي ۽ چونڊ جو اهو عمل تمام گهڻو شفاف هوندو آهي. ائين ناهي ٿيندو ته ڪو سينيئر اڳواڻ يا قائد يا پارٽيءَ جو مٿانهون ادارو ڪنهن نالي جي نامزدگي ڪري ڇڏي. هتي معاملو بلڪل ابتڙ ۽ عجيب صورتحال ۾ هي آهي ته مٿانهين عهدي کان هيٺ عهدن تائين نامزدگي پارٽيءَ جو اڳواڻ يعني ليڊر ڪندو آهي ۽ جڏهن ان کي وڻندو آهي ته ان کي يعني عهديدار کي هٽائي ڇڏيندو آهي. اهڙي طرح سان ايم پي اي، ايم اين اي جي چونڊن کان وٺي سينيٽ جي چونڊن تائين تمام اختيار پارٽي ليڊر کي ئي مليل هوندا آهن ۽ اهو ڪلچر يا طريقيڪار سڀني پارٽين ۾ تقريبن هڪ جهڙوئي آهي.

سواءِ ڪنهن هڪ اڌ پارٽيءَ جي، تنهن ڪري اهي پارٽيون پنهنجي ڪمپوزيشن، فطرت ۽ مزاج ۾ نه جمهوري پارٽيون آهن، نه چورائي سگهن ٿيون. اهي پارٽين جي نالي تي هڪ اهڙو گروهه يا انبوهه آهي، جيئن قديم زماني ۾ حڪومتن کي بچائڻ يا حاصل ڪرڻ جي لاءِ لشڪر ناهيو ويندو هو ۽ اهو لشڪر حملو ڪري حڪومت حاصل ڪندو هو ۽ ان هڪ لشڪر جو مقابلو وري ٻيو لشڪر ڪندو هو.

پوءِ جيڪو ڪامياب ٿئي، اهوئي حڪومت ڪندي بادشاهيءَ جو تاج پائيندو هو. ملڪ جي اندر ۽ ملڪ کان ٻاهر پنهنجي سلطنت ۾ وڌيڪ علائقا شامل ڪرڻ جي لاءِ اهي لشڪري حملا ٿيندا هئا. ان وقت به هڪ بادشاهه عوام ۾ پنهنجي مڃتا ۽ حيثيت يا مقبوليت وڌائڻ جي لاءِ مخالف بادشاهه جي مخالفت ۽ تنقيد ڪندو هو. ظاهري طرح جيڪڏهن ڪمزوريون مخالف جون نظر نه اينديون هيون ته پوءِ اندروني ڳالهيون، الزام ۽ افسانا گهڙي عوام کي ٻڌايا ويندا هئا. ڀلي پوءِ انهن ۾ ڪجهه سچ ۽ ڪجهه ڪوڙ هجي. مقصد ڪردار جي رڳو ڪمزوري بيان ڪرڻ هوندو هو. انهيءَ ۾ اها به ڪوشش ڪئي ويندي هئي ته عقيدت، مذهبن ۽ اخلاقيات جا هٿيار استعمال ڪيا وڃن.

پوري انساني تاريخ ۾ قديم دور جي بادشاهن جون هڪ ٻئي تي الزام تراشيون، ثنا گويون، حمايتون ۽ مخالفتون ڀريون پيون آهن. بلڪل ائين اهڙي طرح سان هاڻي به اسان کي حڪومت ۽ اپوزيشن ۾ هڪ ٻئي جي مٿان الزام ۽ طاقت جو مظاهرو لشڪرن جي انداز ۾ ٿيندي نظر پيو اچي. اهي لشڪري مقابلا جلسن جي صورت ۾، جلوسن جي صورت ۾، ريلين جي صورت ۾، هڪ پارٽي ٻئي پارٽيءَ کان پنهنجو پاڻ کي وڌيڪ طاقتور ڏيکارڻ جي لاءِ مظاهرا ڪري پئي ۽ پارٽي اڳواڻ ان ئي لشڪرن جي بنيادن تي پنهنجي مقبوليت جو گراف ظاهر ڪرڻ جي ڪوشش پيا ڪن. اهڙي صورتحال جي اندر جمهوري شعور طاقت جي اڳيان ڪمزور ٿي مظاهرن جي سحر آميزي جو شڪار ٿي ويندو آهي ۽ ان جو وڏي کان وڏو فائدو هڪ خاندان ۽ ليڊر کي پهچي ٿو ته ٻيو فائدو مظاهرن، جلسن جلوسن تي خرچ ڪندڙ دولتمند ماڻهن جو ٿئي ٿو.

جيڪي دولت جي برسات ڪري ماڻهن کي جلسن ۽ جلوسن ۾ سهولتون پهچائيندا آهن پر جلسن جي اندر ميوزڪ ۽ جماليات جا رنگ به ڀريندا آهن بادشاهن جي مزاجن جهڙا اڳواڻ پنهنجي دربار جي اندر خوشامد پسند يا اهڙن شاطر دماغ ۽ چالاڪ فردن کي ترجيح ڏيندا آهن. جيڪي پنهنجي چالن ۽ حڪمتن سان هنن جي ان لشڪري سياست کي طاقت بخشيندا آهن.

اتي اصلاح ۽ تنقيد جو ڪو به تصور نٿو ڪري سگهجي. ان لشڪري سياست جو مقابلو صرف ۽ صرف حقيقي سياسي پارٽيون ئي ڪري سگهن ٿيون پر انهن جي لاءِ لازم آهي ته اهي مستقل مزاجيءَ سان پنهنجي ڦڙتيلي عوام دوست سياست سان، ڏاهپ ۽ شعور سان اڳتي وڌن ۽ عوام جي طاقت کي پارٽي ۽ جمهوري بنيادن تي منظم ڪن باقي لشڪري سياست جو مقابلو لشڪري سياست ڪندي يا وري هٿياربند لشڪر، جيڪو سيني تي پاري هوندو.

جيوپوليٽڪس بي رحم راند آهي

پيتامبر لوهاڻو

"جيوپوليٽڪس بي رحم راند آهي". اهي لفظ سنگاپور جي مفڪر پروفيسر ڪشور محبوباڻي جا آهن. جيڪو اقوام متحده جي سيڪيورٽي ڪائونسل جو صدر پڻ رهي چڪو آهي. هن جي چوڻي، "آئون جيوپوليٽڪس کي پنجاهه سالن کان پڙهي رهيو آهيان ۽ اهو ڪڏهن به نه ٿيو آهي ته هڪ ڌر مڪمل حق تي هجي ۽ ٻي مڪمل ڪوڙي هجي.

جيوپوليٽڪس جا مسئلا پراسرار آهن. آئون هتي پرزور نموني اهو چوڻ ٿو چاهيان ته اها حقيقت آهي ته مغرب جا ڪجهه مفڪر ڪافي وقت کان خبردار ڪري رهيا هئا ته يوڪرين روس جي سيڪيورٽي لاءِ اهم آهي ۽ هو ڪڏهن به ان ڳالهه جي اجازت نه ڏيندو ته اتان روس مخالف ڪارروايون ڪجن".

مغرب، خاص ڪري آمريڪا ۽ برطانيا جي مک ميڊيا ۾ يوڪرين ۾ هلندڙ جنگ جي حوالي سان اهو ثابت ڪرڻ جي ڪوشش ڪئي ويندي آهي ته روسي صدر پيوٽن ظالم ڊڪٽيٽر آهي، هو پراڻي اسٽالن واري سوويت سامراج کي بحال ڪرڻ چاهي ٿو، يوڪرين معصوم آهي ۽ روس هن تي بي گناهه حملو ڪيو آهي ۽ دنيا تي اخلاقي فرض آهي ته هو روس جي خلاف يوڪرين جي وڌ کان وڌ مدد ڪن. هو ان ڳالهه تي ڪافي ناراض آهن ته چين، انڊيا، پاڪستان، برازيل، انڊونيشيا ۽ ٻيا ملڪ روس جي مذمت ڇو نه ٿا ڪن. جڏهن ته مغرب ۾ تمام ٿورا مفڪر اهڙا به آهن، جيڪي انهن خيالن سان اختلاف رکن ٿا.

آمريڪي پروفيسر جيفري سيڪس اهڙن ماڻهن مان هڪ آهي. هو آمريڪا جي ڪولمبيا يونيورسٽي ۾ پڙهائيندو آهي. هن کي اهو اعزاز حاصل آهي ته هو سابق سوويت صدر گورباچوف ۽ ان کان پوءِ روسي صدر ييلسن جو معاون رهي چڪو آهي. ان کان علاوه اقوام متحده جي ٽن سابق سيڪريٽري جنرلن جو معاون به رهيو آهي. ڪجهه ڏينهن پهرين هُن جو آمريڪي اخبار پوليٽيڪو ۾ هڪ آرٽيڪل ڇپيو آهي، جنهن جو عنوان آهي "مغرب جو روس ۽ چين متعلق ڪوڙو بيان". جنهن جي شروعات ۾ هو لکي ٿو ته، "مغربي قيادت جي ناڪامي ۽ انهن جي عالمي ٽڪرارن کي غير ذميدارانه طور وڌائڻ سان دنيا نيوڪليئر تباهيءَ جي ڪناري تي پهتي آهي". هو اڳتي هلي لکي ٿو ته، "مغرب جو اهو خيال ته هو مقدس آهي ۽ روس ۽ چين شيطان آهن، انتهائي خطرناڪ ذهنيت آهي".

هڪ انٽرويو ۾ هو چوي ٿو ته، "آمريڪا ڊپلوميسي کي استعمال ڪرڻ جي بجاءِ هٿيارن کي استعمال ڪري رهيو آهي، جنهن سان دنيا غير محفوظ ٿي رهي آهي. اها پاليسي ٽيهه سال پهرين شروع ڪئي وئي هئي، جڏهن سوويت يونين ٽٽو هو. ان وقت ڪجهه آمريڪي ليڊرن جي دماغ ۾ اها سوچ آئي هئي ته هاڻي آمريڪا اڪيلو سپر پاور آهي ۽ هو جيئن چاهي، تيئن دنيا کي هلائيندو. ان جا نتيجا تباهه ڪن نڪتا آهن. آئون پاڻ ان ڳالهه جو گواهه آهيان ته آمريڪا جي اها ڪوشش رهي آهي ته هر مسئلي جو حل ملٽري طاقت سان ڪيجي. اسان جتي چاهيون ٿا، جڏهن چاهيون ٿا جنگ ڪري سگهون ٿا ۽ وري دعويٰ ڪريون ٿا ته اسين امن پسند آهيون.

دنيا يوڪرين جي جنگ کان بچي سگهي ٿي، جي اسان روسي صدر پيوٽن کي ٻڌون ها، جنهن ڊپلوميسي جي ڳالهه ڪئي هئي ۽ وائيٽ هائوس ان کي ٺڏي ڇڏيو آهي. مون ٽي سال پهرين وائيٽ هائوس سان رابطو ڪيو هو ۽ انهن کي سمجهايو هو ته جي توهان پيوٽن سان ڳالهه ٻولهه نه ڪندا ته پوءِ جنگ لڳڻ جو امڪان آهي. مون کي چيو ويو ته آمريڪا اهو ڪڏهن به نه ڪندو.

ان تي وڌيڪ ڳالهه ٻولهه نه ٿي سگهي. هاڻي اسان جنگ ۾ آهيون، جيڪا انتهائي خطرناڪ آهي. اسان اها ساڳي ذهنيت ڪٿي ايشيا ۾ يوڪرين جيئن چين سان جنگ جي تياري ڪري رهيا آهيون. اسين اتحاد جوڙي ۽ هٿيار جمع ڪري رهيا آهيون، جيڪا نئين جنگ جي تياري آهي".

آمريڪي ڪرنل ڊگلس مڪگريگر پينٽاگان جو معاون رهي چڪو آهي ۽ ان کان علاوه هو سابق آمريڪي صدر ٽرمپ جو معاون به رهيو آهي. هن جي خيال ۾: "اسان کي ڏهه سال پوئتي هلڻ گهرجي ۽ ان رجيم چينج کي سمجهڻ گهرجي، جنهن سان يوڪرين جي چونڊيل حڪومت ختم ڪئي وئي هئي ۽ پوءِ ان جي جڳهه تي موجوده حڪومت آندي وئي هئي.

جنهن جي پلاننگ وائيٽ هائوس ۾ وڪٽوريا نيولينڊ ڪئي هئي. هن سان گڏ اسٽيٽ ڊپارٽمينٽ جا ٻيا مشهور ماڻهو به شامل هئا، جن جا نالا آئون پهرين ڪٿي چڪو آهيان. جيڪي لبيا، عراق ۽ افغانستان ۾ به ملوث رهيا آهن. منهنجي خيال ۾ هو غلطي ڪري ويا آهن ۽ انهن کي اندازو ڪونه هو ته پيوٽن ۾ ايترو دم آهي".

هاڻي اچو ته آمريڪا جي سڀ کان مشهور ۽ معروف صحافي سيمور هرش کي ٻڌون. هي اهو صحافي آهي، جنهن ويٽنام ۾ سي آءِ اي پاران هزارين بيگناهه ماڻهن جي قتل عام جا خفيه پيپر ڇپيا هئا. جنهن سان آمريڪي عوام کي جنگ جي اصلي مقصدن جي خبر پئي هئي ۽ ماڻهن ويٽنام جي جنگ جي خلاف تحريڪ هلائي هئي. ڪجهه ڏينهن پهرين آمريڪا جي اسٽيبلشمينٽ مان ڪنهن اهم ماڻهوءَ هن سان رابطو ڪري خبر ليڪ ڪئي آهي.

جنهن سان دنيا ۾ جنگ جي حوالي سان آمريڪي ڪردار تي نئون بحث ڇڙي پيو آهي. خبر اها آهي ته آمريڪي صدر بائيڊن روس کان جرمني ايندڙ گيس جي پائيپ لائين کي ڌماڪي سان اڏائڻ جي منظوري ڏني هئي، جيڪا پوءِ آمريڪي نيوي ٻين مغربي ملڪن جي خفيه ايجنسين سان ملي ڪري اڏائي هئي. هرش جي بقول، ان منصوبي جي منظوري يوڪرين جي جنگ کان به مهينا پهرين ڏني وئي هئي.

اها پائيپ لائين اربين ڊالرن جي رقم، سالن جي محنت کان پوءِ سمنڊ جي تري ۾ سوين ڪلوميٽرن ۾ وڇائي وئي هئي. ان پائيپ لائين کي تباهه ڪرڻ سان روس کان علاوه جرمني کي وڏو نقصان ٿيو آهي، جتي مهانگائي عوام جي جيلهه ڇٻي ڪري وڌي آهي. روس کان سستي گيس جرمني جي لاءِ نعمت هئي. جنهن سان هن جي انڊسٽري وڏي ترقي ڪئي هئي ۽ ماڻهن کي روزگار مليو هو. جتي آهستي آهستي ڪارخانا بند ٿي رهيا آهن ۽ مهانگائيءَ سان گڏ بيروزگاري عوام جي اذيت ۾ اضافو ڪري رهي آهي. هاڻي جرمني جي عوام کي آمريڪا کان مهانگي گيس تي گذارو ڪرڻو پوي ٿو. جنهن جو فائدو آمريڪي سرمائيدار کي آهي.

جيوپوليٽڪس بيشڪ بي رحم آهي ۽ اهو پيغام رڳو آمريڪا جي ماڻهن لاءِ نه هو پر اهو اسان تي به اوترو لاڳو ٿئي ٿو، جيترو آمريڪا، چين ۽ روس تي. اهو پيغام ملڪ جي اسٽيبلشمينٽ جي لاءِ به آهي ته اهو پيغام اسان جي سياستدانن، قومپرستن ۽ سول سوسائٽي جي لاءِ به آهي. بهتر اهو آهي ته اسان پنهنجي معاملن کي طاقت جي استعمال جي بغير ڳالهه ٻولهه سان حل ڪريون ۽ پنهنجي اندر خلا کي نه ڇڏيون، جنهن جو عالمي طاقتون فائدو وٺن. جيڪڏهن اسان پنهنجن مسئلن جو حل نه ڪيو ته پوءِ اسان کي يوڪرين جيئن ان جي وڏي قيمت ادا ڪرڻي پوندي.

بقايا *** 01

جو اظهار هن سنڌ اسيمبلي جي ميڊيا ڪارنر تي ميڊيا سان ڳالهائيندي ۽ سنڌ اسيمبلي جي اجلاس ۾ تقرير ڪندي ڪيو. هن چيو ته شهيد محترمه بينظير ڀٽو جڏهن پاڪستان اچي رهي هئي ته ڪيس ٻڌايو ويو ته مٿس حملو ٿي سگهي ٿو شهيد محترمه بينظير ڀٽو ڪڏهن نه ڊني، شهيد محترمه بينظير ڀٽو گاڏي ۾ ويهي ڪارڪنن کي خطاب نه ڪيو، شهيد محترمه بينظير ڀٽو ٽرڪ تي ۽ سن روف کان ٻاهر نڪري ڪارڪنن جي نعرن جو جواب ڏنو. شرجيل انعام ميمڻ چيو ته بزدل عمران نيازي لڪي لڪي گاڏي مان ڪارڪنن کي خطاب ڪري رهيو آهي، پنهنجي گهر ۾ به بنڪر ناهي ويٺو آهي هن چيو ته پاڪستان پيپلزپارٽي همت ۽ حوصلي سان گرفتاريون پيش ڪيون. 5 کان 10 هزار ماڻهن کي روڊن تي ڪڍڻ پاڪستان پيپلز پارٽي لاءِ ڪڏهن به وڏو مسئلو ناهي رهيو پر پاڪستان پيپلز پارٽي ڪڏهن به قانون کي هٿ ۾ نه ورتو، ڪڏهن به پوليس تي اهڙي ريت حملا ناهن ڪيا. سنڌ جي اطلاعات واري وزير چيو ته محترمه فريال ٽالپور کي عيد جي رات اسپتال مان جيل موڪليو ويو، پاڪستان پيپلز پارٽي چاهي ها ته ڇا نه ٿي ڪري سگهي؟ هن چيو ته ان وقت ڪين شرم ۽ حيا نه آيو ته هو به ڪنهن جي ڀيڻ ۽ نياڻي آهي. هن چيو ته اسپيڪر سنڌ اسيمبلي جو ڪيس ڪراچي ۾ هو، ڪيس اسلام آباد مان گرفتار ڪيو ويو، ڇا هو ملڪ کان ٻاهر وڃي رهيو هو؟ ڇا هو ڪراچي واپس نه اچي ها؟ هن چيو ته ڪالهه لاهور ۾ آئين، قانون ۽ عدالتي حڪمن جي کلي عام خلاف ورزي ڪئي وئي. هن چيو ته ڊي آءِ جي اسلام آباد ۽ پوليس اهلڪار زخمي ٿيا. ائين ڪهڙي ملڪ ۾ ٿئي ٿو. هي ڪهڙيون روايتون قائم ٿي رهيون آهن. جيڪڏهن اهو سلسلو جاري رهيو ته ملڪ گهرو ويڙهه طرف هليو ويندو. هن چيو ته تحريڪ انصاف سياسي پارٽي مان عسڪري تنظيم بڻجي رهي آهي. هن چيو ته تحريڪ انصاف هاڻي سياسي جماعت ناهي رهي. عمران خان ملڪ ۾ لاقانونيت چاهي ٿو ۽ رياست خلاف اعلان جنگ ڪرڻ چاهي ٿو اهي ثابت ڪرڻ چاهين ٿا ته اهي رياست کان وڌيڪ مضبوط آهن. هن چيو ته هي پي ٽي آءِ ڪارڪنن جو فطري ردعمل ناهي. ماڻهن کي اپيلون ڪري زمان پارڪ ۽ روڊن تي آندو پيو وڃي. هن چيو ته عمران خان کي گهرجي ته هن جهاد جي شروعات پنهنجي گهر کان ڪري، پنهنجن ٻارن کي روڊن تي آڻي. اهي غليل ۽ لٺيون کڻن. صوبائي وزير چيو ته پنهنجي ٻارن کي سڪون سان رکيو ويٺو آهي ۽ قوم جي ٻارن کي چوي ٿو ته روڊن تي اچو. پٿراءَ ڪيو، ٽائر ساڙيو، پوليس سان وڙهو. شرجيل انعام ميمڻ چيو ته سمورا ادارا احتياط کان ڪم وٺي رهيا آهن. اسان نقصان ٿيڻ نه ڏينداسين. هي ڪو رياستي جبر ناهي ٿي رهيو رياست جي صبر جو ناجائز طريقي سان فائدو حاصل ڪيو پيو وڃي. هي ماڻهو چاهين ٿا ته لاش ڪرن ته جيئن لاشن تي سياست ڪن. هن چيو ته اسلام آباد پوليس ۽ پنجاب پوليس مڪمل صلاحيت رکي ٿي. انتظاميه صبر ۽ احتياط جو مظاهرو ڪري رهي آهي. اطلاعات واري صوبائي وزير چيو ته آئيني ادارن جو سربراهه صدر پاڪستان آئيني ادارن ۽ عدالتن بابت چئي رهيو آهي ته سياسي انتقامي ڪارروائي ٿي رهي آهي. صوبائي وزير چيو ته عدالتن جي حڪمن جو مذاق اڏايو پيو وڃي. هي شخص معزز عورت جج صاحبا جا نالا وٺي ڌمڪيون ڏيندو رهيو آهي پر پوءِ ساڳين ئي عدالتن ۾ رليف وٺڻ لاءِ پهچي ويندو آهي. هن چيو ته عدالتن ۾ پيش نه ٿيندو ته گرفتار نه ٿيندو. شرجيل انعام ميمڻ چيو ته عمران خان ملڪ کي انتشار ڏانهن ڌڪڻ جي لاءِ بزدلاڻي سازشن ۾ مصروف آهي.

بقايا *** 02

چوڌري عدالت کي چيو ته تحريڪ انصاف سان غلط رويو وڌندو پيو وڃي. جنهن تي چيف جسٽس چيو ته پٽيشن کان سواءِ ڪيس ڪيئن ٻڌي سگهون ٿا؟ وڪيل اظهر صديق چيو ته اسان پٽيشن تيار ڪري رهيا آهيون. فواد چوڌري عدالت کي استدعا ڪئي ته اوهان سي سي پي او کي طلب ڪري آپريشن کي روڪيو. جنهن تي جج چيو ته پٽيشن کان سواءِ ڪيئن آرڊر جاري ڪري سگهون ٿا؟ عدالت سوال ڪيو ته ضمانت نه ٿيڻ جوڳا گرفتاري وارنٽ ڪڏهن جاري ٿيا آهن. ان تي وڪيل اظهر صديق ٻڌايو ته 3 ڏينهن گذري ويا آهن 18 مارچ تي پيش ٿيڻو آهي. عدالت چيو ته هي اسلام آباد جو معاملو آهي اوهان اتي وڃو. ان تي فواد چوڌري چيو ته هي ماڻهن جي زندگين جو معاملو آهي. اسان اڌ ڪلاڪ ۾ پٽيشن داخل ڪري رهيا آهيون. اوهان حڪم جاري ڪريو ته پٽيشن کي فوري فڪس ڪيو وڃي. فواد چوڌري جي استدعا تي عدالت چيو ته مان ڇو اهڙو حڪم جاري ڪريان جيڪو طريقو آهي ان جي مطابق ڪيس فڪس ٿيندو. رات کان معاملو هلي رهيو هو ته اوهان کي صبح ساڍي 9 وڳي پٽيشن آڻڻ گهرجي ها. ان تي وڪيل چيو ته اسان عمران خان جي صحيح ڪرائڻ جي ڪوشش ڪئي پر ممڪن نه ٿي سگهيو. ان تي عدالت چيو ته ان جي صحيح جي ضرورت ناهي، ڪو ٻيو ڪري ڇڏي.

بقايا *** 03

پيرو ٻن صوبن ۾ چونڊون ٿي رهيون آهن ۽ ٻن ۾ نه پيون ٿين. اسان جي پارٽي چونڊن جي لاءِ تيار آهي جيڪو به اليڪشن ڪميشن جو فيصلو هوندو ان تي عمل ڪنداسين. قرضن جي ادائيگي به نڀائي رهيا آهيون. شهباز شريف چيو ته عمران خان پاڻ کي قانون کان مٿانهون سمجهي ٿو. هو هر عدالت جي نافرماني ڪري رهيو آهي. ڪيس عدالتن جو احترام ڪرڻ گهرجي. جيڪڏهن عمران نيازي بيمار آهي ته الله پاڪ کيس صحت ڏيندو. ريلي ۾ وڃي سگهي ٿو ته عدالت ۾ ڇو نٿو پيش ٿي سگهي. وزيراعظم چيو ته اسان رياست بچائڻ لاءِ پنهنجي سياست کي داءَ تي لڳائي ڇڏيو آهي. جڏهن اسان اپوزيشن ۾ هئاسين ته اسان کي پٽ سان لڳايو پئي ويو. مان، نوازشريف، رانا ثناءالله ڪوڙن ڪيسن ۾ روزاني عدالت ۾ پيش ٿيندا هئاسين. اسان کي قيد دوران گهر جي ماني به نه ملندي هئي. ان وقت ڪنهن چيو هو ته مان هنن جي ڪمرن مان پکا، باٿ روم ۽ ايئر ڪولر اڏائي ڇڏيندس. تڏهن ته ڪنهن به نوٽيس نه ورتو هو هن وڌيڪ چيو ته عمران خان جا گرفتاري وارنٽ عدالتن جاري ڪيا آهن. عدالتن منهنجي مٿان مهربان ٿيون تڏهن مون کي جيلن ۾ وڌو ويو. دهشتگردن جي گاڏي ۾ مون کي پيشي جي لاءِ آندو ويو مون کي جڏهن اسپتال وڃڻو هوندو هو ته مون ايمبولينس جي درخواست ڪئي، ايمبولينس اچي وئي پر مون کي ان باوجود قيدين جي گاڏي ۾ آندو ويو. ان وقت ته ڪنهن به نوٽيس نه ورتو شهباز شريف وڌيڪ چيو ته قانون جي حڪمراني لازمي آهي. جيڪو به ذميوار هجي ان جي خلاف قدم کڻڻ گهرجي. جيڪڏهن اهڙن معاملن جو احتساب نه ٿيو ته ملڪ کي وڌيڪ نقصان ٿيندو.

بقايا *** 04

ٽي آءِ ڪارڪن زخمي ٿي پيا. پوليس مظاهرين تي شيلنگ ڪئي، پوليس آپريشن کي 18 ڪلاڪ گذري چڪا آهن. 3 ضلعن جي پوليس آپريشن ۾ حصو وٺي رهي آهي. رينجرز جا دستا به مال روڊ تي موجود آهن. زمان پارڪ ۽ ان جي ويجهن علائقن ۾ موبائل ۽ انٽرنيٽ سروس بند ڪئي وئي آهي. مال روڊ جي چوڌاري واقع تعليمي ادارن کي به بند ڪيو ويو آهي. جڏهن ته اسپتالن ۾ ايمرجنسي لاڳو ڪئي وئي آهي. پوليس پي ٽي آءِ چيئرمين عمران خان جي گرفتاري لاءِ گذريل ڏينهن آپريشن شروع ڪيو هو جنهن کان پوءِ پي ٽي آءِ جي ڪارڪنن طرفان سموري ملڪ ۾ احتجاج جو سلسلو جاري آهي.

بقايا *** 05

ٿو ته سندس مٿان ملڪ جو ڪو به قانون لاڳو نٿو ٿئي. هن کي جڏهن عدالتن ۾ گهرايو وڃي ٿو ته اتي به پيش نٿو ٿئي. پرڏيهي وزير چيو ته منهنجي خاندان ۽ پارٽي ڊڪٽيٽر شپ کي منهن ڏنو عمران خان هر ڀيري قانون جي ڀڃڪڙي ڪئي جنهن تي ڪيس جواب ڏيڻو پوندو. عمران خان ان کي بچائڻ جي لاءِ پنهنجن ڪارڪنن کي پوليس جي سامهون بيهاري ڇڏيو آهي. هن وڌيڪ چيو ته پاڪستان کي معاشي، سياسي ۽ سيڪيورٽي بابت چيلنجز پيش آهن. پاڪستان کي اڳيان وڌائڻ جي لاءِ ڊگهي وقت جي منصوبه بندي ڪرڻي پوندي. اسان کي موسمياتي تبديلي، غربت، معاشي حالتن بابت سوچ ويچار ڪرڻي آهي. افغانستان ۽ خطي جي سيڪيورٽي بابت قدم کڻڻ جي ضرورت آهي.

بقايا *** 06

زخمي ٿي پيا. جڏهن ته پوليس به ڪارڪنن تي لاٺي چارج ڪيو ۽ کين ڇڙوڇڙ ڪرڻ لاءِ ڳوڙها آڻيندڙ گئس جا شيل فائر ڪيا. رپورٽ موجب گذريل ڏينهن پوليس جي وڏي نفري آپريشن ڪندي زمان پارڪ جي گيٽ تائين پهتي هئي پر جيئن ئي پوليس اهلڪار عمران خان جي رهائشگاهه ويجهو پهتا ته اتي گلگت بلتستان پوليس جا اهلڪار به موجود هئا جنهن پنجاب پوليس تي هٿيار سڌا ڪري ورتا. جنهن سبب پوليس کي زمان پارڪ کان ٻاهر نڪرڻو پيو. پوليس اهلڪار پنهنجي حياتي بچائڻ جي لاءِ اتان کان ڀڄي ويا. ٻن صوبن جي پوليس جي آمهون سامهون اچڻ تي رينجرز کي طلب ڪيو ويو آهي.

بقايا *** 07

رهيو آهي اهو اوهان جو پنهنجو ڪيل آهي. عمران خان جي وڪيل خواجه حارث هڪ ڪيس جي ٻڌڻي ختم ٿيڻ تي اوچتو روسٽرم تي آيو، جنهن تي چيف جسٽس چيو ته اڃان ته اوهان جي درخواست فڪس ناهي ٿي، مقرر ٿئي ته ٻڌنداسين. هن عدالت اڳ رليف ڏنو هو. ان جو ڇا ٿيو؟ عدالتي حڪمن تي عمل نه پيو ٿئي. ڏسنداسين ان جا نتيجا ڪهڙا نڪري سگهن ٿا. عمران خان جي وڪيل خواجه حارث استدعا ڪئي ته درخواست تي 12 وڳي کان اڳ ٻڌڻي ڪئي وڃي. چيف جسٽس عامر فاروق چيو ته هن عدالت اڳ هڪ رستو ڏنو هو. اوهان جو ڪيس اڄ اعتراض سان گڏ لڳايو ويو آهي. ان کي ڏسنداسين جا اوهان رجسٽرار آفيس جا اعتراض ختم ڪيا آهن؟ جنهن تي وڪيل خواجه حارث چيو ته لاهور ۾ جيڪو ڪجهه ٿي رهيو آهي اهو عدالت جي سامهون آهي ان تي چيف جسٽس عامر فاروق چيو ته جيڪو ڪجهه ٿي رهيو آهي اهو اوهان جو پنهنجو ڪيل آهي.

چيف جسٽس رجسٽرار آفيس جا 2 اعتراض جوڊيشل سائيڊ تي پري ڪري ڇڏيا. چيف جسٽس چيو ته رجسٽرار آفيس جا ٽي اعتراض آهن. مان بائيو ميٽرڪ ۽ صحيح وارو اعتراض ختم ڪري رهيو آهيان. ٽڪيٽن وارو اعتراض آهي اهو اڌ ڪلاڪ ۾ ختم ڪري ڇڏيو ته ٻڌڻي شروع ڪنداسين.

بقايا *** 08

جماعت ڪري ها ته ان کي دهشتگرد ۽ باغي قرار ڏنو وڃي ها ۽ فوج به ان جي خلاف حرڪت ۾ اچي وڃي ها. اسلام آباد ۾ پريس ڪانفرنس ڪندي فضل الرحمان چيو ته عمران خان جو عمل رياستي رٽ کي ڪمزور ڪرڻ جهڙو آهي. عمران خان ملڪ کي ڪمزور ڪرڻ جو ڪلچر اختيار ڪيو. ڪيترائي ڀيرا چئي چڪا آهيون ته هو ملڪ مخالف ايجنڊا تي ڪم ڪري رهيو آهي. هن چيو ته قانون جي نظر ۾ سڀ برابر آهن. ڪنهن کي ڇوٽ حاصل ناهي. ڪارڪنن کي ڍال بڻائڻ بدران عمران خان ڪيسن کي منهن ڏئي. عمران خان کي گرفتار ڪري هر صورت ۾ پيش ڪرڻ گهرجي. رياست رٽ برقرار رکڻ لاءِ سمورا وسيلا استعمال ڪري. تحريڪ انصاف ڪا سياسي جماعت ناهي، سندس وڌيڪ چوڻ هو ته تحريڪ انصاف جهڙو ڪم جيڪڏهن ڪا مذهبي جماعت ڪري ها ته ان کي دهشتگرد به قرار ڏنو وڃي ها، باغي به قرار ڏنو وڃي ها، ان خلاف فوج به حرڪت ۾ اچي وڃي ها پر ڪهڙيون طاقتون آهن، جيڪي عمران خان جهڙي فتني کي تحفظ فراهم ڪري رهيون آهن ۽ ڪيس سپورٽ ڪري رهيون آهن.

بقايا *** 09

عمران خان جي امڪاني گرفتاري جي حوالي سان ڳالهيون ڪري رهيا آهن. مبينه آڊيو ۾ ياسمين راشد اعجاز شاهه کي چيو ته خان صاحب هن وقت چئي رهيو آهي ته سمورن ايم اين ايز ۽ ايم پي ايز کي فون ڪريو. جنهن تي اعجاز شاهه جواب ڏنو ته رابطن جو سلسلو جاري آهي. جنهن کان پوءِ ياسمين راشد عمران خان جي هدايت اڳوڻي گهرو وزير کي ڏيندي ٻڌايو ته عمران خان چئي رهيو آهي ته ماڻهو وٺي پهچو. ياسمين راشد موجب عمران خان چئي رهيو آهي ته هنن کي چئو ته فوري طور تي پهچن جيڪي نه پهچندا انهن کي مان ٽڪيٽ نه ڏيندس. خان صاحب اها ڳالهه سڌي چئي آهي. ٻئي طرف ياسمين راشد اعجاز شاهه سان آڊيو ليڪ جي تصديق ڪندي چيو آهي ته پارٽي جي صدر آهيان، ڇا پنهنجن ماڻهن کي نه گهرائيندس.

23 ڪلاڪ گذري ويا آهن. اسان جا ماڻهو روڊن تي آهن انهن جي مٿان شيلنگ ۽ تشدد ڪيو پيو وڃي.

بقايا *** 10

آهن. عمران خان پنهنجي ٽوئيٽ ۾ لکيو ته هٿين خالي مظاهرين ۽ ملڪ جي سڀني کان وڏي پارٽي جنهن جي اڳواڻ کي هڪ غيرقانوني وارنٽ کي منهن ڏيڻو پئجي رهيو آهي. معاملو اڳ ئي عدالت ۾ هجي ۽ ڏوهارين جي حڪومت اغوا ڪري امڪاني طور تي مون کي قتل ڪرڻ لاءِ ڪوشان هجي ۽ سامهون رينجرز بيٺل هجي؟ پنهنجي هڪ ٻي ٽوئيٽ ۾ عمران خان لکيو ته اسان جي ڪارڪنن ۽ اڳواڻن تي ڪالهه صبح کان ڳوڙها آڻيندڙ گئس جا شيل، ڪيميڪل مليل پاڻي جي توپن ۽ ربڙ جون گوليون. جڏهن ته اڄ صبح سڌي فائرنگ سان پوليس جي يلغار کان پوءِ اڄ صبح جو رينجرز ميدان ۾ لاٿي وئي آهي. اهو اقتدار جي انهن حلقن لاءِ هڪ سوال آهي جيڪي عوام سان اختلافن ۾ غيرجانبدار هجڻ جي دعويٰ ڪن ٿا.

بقايا *** 11

وين آهن صنعان قريشي جو چوڻ آهي ته پوليس جي وردي ۾ ڀريل هٿياربندن رات دير سان گهر مٿان سڌي فائرنگ ڪئي. هٿياربند 8 گاڏين ۾ سوار هئا. گولين جا خول به هٿ ڪيا ويا آهن جسقم چيئرمين جي گهر تي فائرنگ خلاف ڪنڊيارو، تنگواڻي، ميروخان، فيض گنج، ٺل، ڪنري ۽ ٻين شهرن ۾ احتجاجي مظاهرا ڪيا ويا ۽ جسقم پاران لاڙڪاڻو، دادو، ڪنڊڪوٽ، ٺل، ڪنري، پٽ شاهه ۽ ٻين شهرن ۾ به مظاهرا ڪيا ويا اڳواڻن گهر ڪئي آهي ته جسقم چيئرمين صنعان قريشي جي گهر تي فائرنگ ۾ ملوث ماڻهن کي گرفتار ڪيو وڃي.

بقايا *** 12

ڪارڪنن جي پٿراءَ سبب زخمي ڊي آءِ جي آپريشنز شهزاد بخاري جي خيريت پڇا ڪئي. ان کان علاوه هن ايس ايڇ او اشفاق، ايس ايڇ او شبير اعوان ۽ ٻين پوليس اهلڪارن سان ملاقات ڪئي. نگران وڏو وزير ٻين زخمي پوليس آفيسرن ۽ اهلڪارن وٽ به ويو ۽ ڪانئن خيريت پڇا ڪئي. وڏي وزير چيو ته پنجاب حڪومت پوليس جي آفيسرن ۽ جوانن سان گڏ آهي زخمي ايس ايڇ او ۽ اهلڪارن کي علاج جون بهترين سهولتون فراهم ڪيون وڃن. اسان سڀ اوهان جي جلد صحتيابي لاءِ دعاگو آهيون.

بقايا *** 13

سان ڳالهيون ڪندي فواد چوڌري اختيارين کي خبردار ڪندي چيو ته اٿارٽيز ماڻهن جي حياتين سان کيڏي رهي آهي. زمان پارڪ ۾ هر جڳهه ڳوڙها آڻيندڙ گئس جا شيل فائر ٿي رهيا آهن. گهرن ۾ ننڍڙن ٻارن جون طبيعتون خراب ٿي ويون آهن. هن چيو ته عمران خان جي حياتي کي خطرو آهي، اسان عمران خان کي رانا ثناءالله جي حوالي نٿا ڪري سگهون. اوهان وارنٽ جي تعميل چاهيو ٿا ته اسلام آباد هاءِ ڪورٽ ۾ ٻڌڻي جاري آهي پي ٽي آءِ چئي چڪي آهي ته عدالت جيڪو فيصلو ڪندي اهو اسان کي قبول هوندو.

بقايا *** 14

چيئرمين رياض علي چانڊيو چيو آهي ته مردم شماري جو مسئلو پيپلزپارٽي جي لاءِ نالي وڌائڻ جو هجي يا ايم ڪيو ايم ۽ جماعت اسلامي لاءِ يوسين يا تڪ وڌائڻ جو هجي، پر اسان ڌرتي ڌڻين جي وجود ۽ حق حاڪميت جو مسئلو آهي اسان پي ڊي ايم، پيپلزپارٽي ۽ ايم ڪيو ايم جي طرفان شروع ڪرايل ڊجيٽل آدم شماري کي مڪمل غيرقانوني، فراڊ ۽ دوکو سمجهون ٿا. هن چيو ته سنڌ پهتل غير ملڪين جي ڳڻپ جو اسلام آباد بندوبست ڪيو آهي شماريات جي شعبي سنڌ ۾ پنهنجي ماڻهن جي ڳڻپ ڪرائڻ جي بجاءِ افغانين بنگالين ۽ برمين کي شهري بڻائڻ جو بندوبست ڪيو آهي هن چيو ته پ پ حڪومت ان غير قانوني مردم شماري کي غير قانوني ڳڻڻ جو سلسلو بند ڪري، ۽ سنڌ ۾ پهتل سڀني غير ملڪين کي الڳ ڳڻپ ڪرائي پناهه گزين ڪئمپن ۾ رهائي، ۽ ٻين صوبن کان پهتل ماڻهن کي ڳڻپ ۽ انهن کي ورڪ پرمٽ ڏئي انهن جي عارضي رهائش جو رڪارڊ پاڻ وٽ رکي. پر پ پ سنڌ کي ايترو لاوارث بڻايو آهي جو ڪراچي جو پهتل ٻاهرين ماڻهن کي ڪچين آبادين جي نالي تي آباد ڪرائي زرعي ۽ باراني زمينون ميگا هائوسنگ اسڪيمن ذريعي سنڌ جي ڊيموگرافي ۽ ماحوليات کي برباد پئي ڪرائي جنهن جي مذمت ڪريون ٿا اجلاس ۾ عزيزالله پٽي، غفار ميرجت، اسد سومرو، اياز لولائي، ذوالفقار بليدي، ديشي ميراڻي نومي چني ۽ ٻين شرڪت ڪئي.

بقايا *** 15

وزير مريم اورنگزيب چيو آهي ته پي ٽي آءِ سياسي جماعت نه پر دهشتگردن جو ٽولو آهي. حڪومت جو عمران جي گرفتاري سان ڪو به تعلق ناهي، عمران ٻڌائي ته ڪيس عدالتن ۾ ڪهڙو خطرو آهي.

بقايا *** 16

جا وفد پڻ ايندا رهيا. احتجاجي ڪئمپ تي موجود سوين ڪارڪنن ۽ سنڌ دوستن ماڻهن جي ميڙ کي ايس ٽي پي وائيس چيئرمين انجنيئر گلزار سومرو، ڊاڪٽر سومار منگريو، قادر چنه، شوڪت ابڙو، ڪراچي ڊويزن جي اڳواڻ ڪامريڊ حيات ٽنيو، عاشق ٿهيم، رجب مگسي ۽ ٻين خطاب ڪندي چيو ته پي ڊي ايم جي وفاقي سرڪار وقت کان اڳ جبري طور آدم شماري ڪرائي سنڌين جي فطري ۽ آفاقي حق حڪمراني تي ڌاڙو هڻڻ جي ڪوشش ڪري رهي آهي. هنن چيو ته پيپلزپارٽي اقتدار پرست ۽ سنڌ هنن چيو ته ڊجيٽل آدمشماري جهڙي طريقي سان ڪرائي پئي وڃي ان مان سنڌ جي وجود ۽ بقا کي خطرو آهي تنهن ڪري سنڌ مڪمل طور ان آدمشماري کي رد ڪري ٿي. احتجاجي ڪئمپ تي عوامي تحريڪ جو مرڪزي صدر لال جروار، ادي حور پليجو ۽ نوراحمد ڪاتيار، سنڌ ڊيموڪريٽڪ فورم جو شفيق موسوي ۽ ٻين وفدن جي صورت ۾ اچي ايس ٽي پي پاران هلندڙ جدوجهد کي وقتائتو قرار ڏيندي ڀرپور حمايت جو اعلان ڪيو. ان موقعي تي انجنيئر شفيق موسوي آدمشماري جي نقصانن ۽ ٽيڪنيڪل خطرن کان پڻ آگاهه ڪيو اڄ احتجاجي ڪئمپ تي محمد علي شيخ، فواد رند، موسيٰ لُڙڪ، ساگر ابڙو، نسيم چانڊيو، ماجد شيخ سميت سوين ڪارڪنن پڻ شرڪت ڪئي.

بقايا *** 17

غير قانوني عمل آهي نجي ٽي وي چينل سان ڳالهائيندي اعتزاز احسن چيو ته گرفتاري وارنٽ جو اهو مطلب ناهي توهان ڪنهن جي ٻانهن ڀڃي ڇڏيو يا ان تي ظلم ڪيو. پوليس بابت عمران خان جا خدشا هروڀرو ناهن. وزيرآباد حملي جي جوابدار جو جهڙي ريت بيان سامهون آيو هو. ائين پوليس جو ڪردار شڪي ٿي ويندو آهي. هن چيو ته عمران خان سان دهشتگردن جهڙو ورتاءُ ڪيو پيو وڃي. 90 ڏينهن کانپوءِ جيڪڏهن حڪومت ڪم جاري رکيو ته ان تي آرٽيڪل 6 لڳندو. ان حوالي سان سپريم ڪورٽ جي چيف جسٽس کي ڪردار ادا ڪرڻو پوندو.

بقايا *** 18

ايس يو پي جي اڳواڻن چيو ته سنڌ جي ماڻهن پيدل مارچ کي پنهنجي حقن جو مارچ قرار ڏئي ڀرپور موٽ ڏني آهي سنڌ واسين جو اهو پيار وسارڻ جوڳو نه آهي. اسين سنڌ جي بهتري لاءِ نڪتا آهيون. سنڌ واسي ڀرپور ساٿ ڏئي رهيا آهن.

بقايا *** 19

کي بنڪر ۾ بند ڪري عورتن ۽ ٻارن کي اڳتي ڪندو آهي. اڳوڻي صدر آصف علي زرداري ۽ فريال ٽالپر کي جيل موڪليو ويو. اسان مزاحمت نه ڪئي. اسان آئين ۽ قانون تي عمل ڪريون ٿا. هو اربع ڏينهن سنڌ اسيمبلي جي ڪميٽي روم ۾ پريس ڪانفرنس کي خطاب ڪري رهيو هو. بئريسٽر مرتضيٰ وهاب وڌيڪ چيو ته دنيا جي تاريخ ۾ سياسي انقلاب ۽ جدوجهد جا اڳواڻ اڳواڻي ڪندي نظر اچن ٿا. ڪنهن کي به ليڊر ان کي سڏيو ويندو آهي جيڪو ته اهو ليڊ ڪندو آهي تمام گهڻو پري ناهي. قائد اعظم، لياقت علي خان سردار عبدالرب جي برصغير ۾ جدوجهد ڏسو سيني اڳواڻي ڪئي. ڪنهن به ٻار يا عورت کي اڳتي نه ڪيو بنڪر ۾ نه لڪيا. شهيد ڀٽو ۽ ان جي ڌيءَ هميشه سياسي تحريڪن جي اڳواڻي ڪئي. 18 آڪٽوبر تي پيپلز پارٽي جي قيادت تي حملو ڪيو ويو شهيد بي بي تي حملو ڪيو ويو ڪارڪنن پاران ڪراچي اچڻ کان منع ڪيو هن چيو ته مان پنهنجي ڪارڪنن جي وچ ۾ ويندس 18 آڪٽوبر تي حملو ٿئي ٿو 19 آڪٽوبر تي بي بي اسپتال وڃي ٿي شهيدن جي گهرن تي وئي هن هڪ عورت جي حيثيت سان ان کي منهن ڏنو هوءَ عملي ميدان ۾ موجود رهي ۽ پنهنجي جان ڏني بلاول ڀٽو عمران حڪومت ۾ عوامي ريلي جي اڳواڻي ڪئي، هو بلٽ پروف ڪار ۾ نه ويٺو. بئريسٽر مرتضيٰ وهاب چيو ته تاريخ ۾ مثال نه ملندو، عورتن ۽ ڪارڪنن کي ڍال بڻائي رکيو آهي هٽلر به بنڪر ۾ لڪي ويو هو عدالتون چونديون هيون ايماندار آهي، ماڻهو چوندا هئا سمارٽ آهي، رعايتون ڏنيون وينديون هيون. اڄ ان لاءِ هو رياست کي چيلينج ڪري رهيو آهي، ڇا رياست ان اڳيان گوڏا کوڙيندي، ماڻهن جون پڳڙيون اڇلائي، ليڊي جج خلاف ڌمڪيون ڏنيون ڳالهائي، چوي ته توهان هينڊسم آهيو. سياسي ڪارڪنن خلاف ڪارروائي ڪئي ٿيندي آهي انهن خلاف ڇو نه؟ ڀٽو جهڙو عظيم ليڊر پاڪستان ۾ ناهي آيو هن آئين ڏنو ڀٽو جيترو مشهور ڪو نه رهيو آهي ڇا پيپلز پارٽي عدالتن کي منهن نه ڏنو؟ ڀٽو صاحب وزيراعظم هائوس مان جيل ويو بينظير ڀٽو ۽ بيگم نصرت ڀٽو لٺيون کاڌيون ڪارڪنن سان گڏ موجود رهيون. آصف زرداري جي گرفتاري جو فيصلو ٿيو هن عمران خان جي گرفتار ڪرڻ وارن کي ڪاٽو ڪارايو ۽ سائن گڏ هليو ويو فريال ٽالپر کي چنڊ جي رات ۾ گرفتار ڪيو ويو هن احتجاج نه ڪيو اسان قانون جي حڪمراني تي يقين رکون ٿا عمران خان لاءِ عدالتون شام جو به کليل رهنديون ڪورٽ ۾ ٽرانو وڄائڻ جو ڪو به مثال نه ملندو عدالتون انتظار ڪنديون آهن خان ٻارن کي اڳتي ڪندو آهي. عمران خان ماڊل ٽائون جهڙو واقعو ورجائڻ چاهي ٿو ظل شاهه جي ماءُ پيءُ سڀ حقيقتون ڏنيون ۽ سندس ساٿ نه ڏنو عمران خان جيڪڏهن جي قانون جي حڪمراني تي يقين رکي ٿو ته ان جو احترام ڪري. جيڪي پاڪستان کي يرغمال بڻائڻ چاهين ٿا اهي عوام کي تڪليفون ڏئي رهيا آهن جيڪڏهن لاهور ۾ ڪارروائي ٿي رهي آهي ته اسين ڪراچي بند ڪريون؟ هن چيو ته هو پوليس سان ڳالهائيندو ته پاڪستان تحريڪ عمران کي ورڪ کي بند ٿيڻ نه ڏنو وڃي. جيڪڏهن ڪو ماڻهو بنڪر ۾ لڪندو ته رياست ڪارروائي ڪندي. رياست جي ڪوشش هوندي ته ڪنهن به عام ماڻهو کي نقصان نه پهچندي.

بقايا *** 20

جماعت جي هڪ شخصيت جو مائٽ آهي، پوليس سندس خلاف ڪارروائي نه پئي ڪري عدالت جوابدار امتياز وساڻ کي گرفتار ڪرڻ جو حڪم ڏنو عدالتي حڪم تي پوليس ڪيس فوري طور گرفتار ڪري ورتو.

بقايا *** 21

کي خبر پئجي وئي ته عمران خان کي قانون جو ڪيترو احترام آهي

بقايا *** 22

ويو آهي. پوليس جو چوڻ آهي ته ڏوهارين سان مقابلي دوران اي ايس آءِ امان الله ابڙو شهيد ٿي ويو. مڙهه اسپتال منتقل ڪيو ويو. مقابلي دوران 2 ڏوهاري پڻ مارجي ويا آهن ايس ايس پي گهوٽڪي جو چوڻ آهي ته پوليس ڏوهارين جو گهيرو تنگ ڪري ڇڏيو آهي. مقابلو هلندڙ آهي، شهيد پوليس جي آفيسرن ۽ اهلڪارن جو پلاند وٺنداسين. ڏوهارين کي ڪنهن به صورت ۾ بخش نه ڪيو ويندو مبينا پوليس مقابلي ۾ مارجي ويل 2 ڏوهارين جي سڃاڻپ ڪرڙاهه واسي بادل چاچڙ ۽ پنجاب واسي مراد ڀانيڙو جي نالي طور ڪئي وئي آهي مارجي ويل ٻنهي ڏوهارين جا لاش گذريل ڇهن ڪلاڪن کان اسپتال ۾ پيل آهن.

بقايا *** 23

چيفس آف اسٽاف ڪميٽي جي مدي ۾ واڌ ڪري يا انهن جي ٻيهر مقرري ڪري. اهي ٽئي بل سومر تي جماعت اسلامي جي سينيٽر مشتاق احمد خان پاران جمع ڪرايا ويا آهن ناليواري قانوندان ڪرنل (ر) انعام الرحيم ڊي ڊبليو کي ٻڌايو ته اهي ٽئي بل انتهائي هاڪاري آهن ۽ ان سان ڪرپشن جو رستو رڪجندو. آرمي ايڪٽ جي اصل قانون ۾ ملازمت ۾ توسيع يا ٻيهر مقرري جو ڪو قانون موجود نه هو حڪومت ريگيوليشنز ذريعي ماضي ۾ توسيع ڪرڻ جي ڪوشش ڪئي. هن چيو ته سياستدان آرمي چيف کي مدي ۾ واڌ ڏئي هن کان پنهنجا ڪرپشن جا ڪيس ختم ڪرائي ڇڏين ٿا. نيشنل پارٽي سان تعلق رکندڙ سينيٽر چيو ته منهنجي خيال ۾ رڳو فوجي آفيسرن جي مدي ۾ واڌ نه ٿيڻ گهرجي بلڪ ڪنهن به سرڪاري ملازم ۽ آفيسر جي مدي ۾ واڌ نه ٿيڻ گهرجي. جڏهن سياستدان ان طرح جي توثيق ڪن ٿا ته اهي فوجي آفيسرن جي ان احسان هيٺيان دٻجي ويندا آهن جنهن سان ڪرپشن جا رستا کلن ٿا. هن چيو ته پ پ ۽ ن ليگ طاقتور حلقن کي خوش ڪرڻ ۾ لڳل آهن. اهي ڪنهن به صورت ۾ ان بل جي حمايت نه ڪنديون. جڏهن ته جماعت اسلامي وٽ قومي اسيمبلي ۽ سينيٽ ۾ ڪا اڪثريت ناهي. ڊي ڊبليو پاران ن ليگ جي ڪيترن ئي اڳواڻن سان رابطي جي ڪوشش ڪئي وئي پر انهن چيو ته اهي مختلف جلسن، پارٽيءَ سرگرمين ۾ مصروف آهن ان ڪري ان معاملي تي تبصرو نٿا ڪري سگهن. پ پ اڳواڻ قمر زمان ڪائره چيو ته هن انهن بلن کي ناهي پڙهيو ان ڪري مان ان تي تبصرو نٿو ڪري سگهان

بقايا *** 24

خان کي گرفتار ڪري مارڻ چاهي ٿي پي ٽي آءِ جا ورڪر پنهنجي قائد جو تحفظ ڪرڻ چاهين ٿا اسان ڪو به غيرآئيني ڪم نه ڪيو آهي عمران جي پاڪستان جو وڏو ليڊر آهي جنهن جي زندگي کي خطرو آهي پارٽي جي مرڪزي قيادت پوليس سان ڳالهيون ڪرڻ جي ڪوشش ڪئي پر نگران حڪومت ٻيهر ماڊل ٽائون جهڙا واقعا ڪرڻ چاهي ٿي اسان کي انصاف جي اميد صدر عدليه مان آهي پاڪستان جي جمهوريت کي صرف عدليه بچائيندي اڄ جمهوري جون دعوي دار پارٽيون غيرجمهوري قوتن جو ساٿ ڏئي جمهوريت کي نقصان پهچائڻ چاهين ٿا

بقايا *** 25

جي نائب صدر مريم نواز چيو آهي ته ترازيءَ جا ٻئي پاسا برابر ٿيندا ته انصاف جي فتح ٿيندي. زمان پارڪ جو گڏ عورتن ۽ ٻارن کي ڍال بڻائي لڪيو ويٺو آهي. عدالت وڃڻ کان به ڊڄي رهيو آهي.

بقايا *** 26

لاءِ ڪم ڪرڻ اسان لاءِ تمام ڏکيو ڪم آهي. جڏهن مون پنهنجي ڊپارٽمينٽ جي چارج ورتي ته شڪايت سيل ڪنهن ٻئي هنڌ هو ۽ عورتن جون شڪايتون جي رجسٽرڊ ٿيڻ جو انگ نه هجڻ جي برابر هو مون ذاتي طور تي شڪايت سيل کي چيڪ ڪرڻ لاءِ ڪيترائي ڀيرا ڪال ڪئي ۽ آخرڪار شڪايت سيل کي منهنجي آفيس منتقل ڪيو جنهن ۾ ڪيترين ئي مشڪلاتن کي منهن ڏيڻو پيو اهڙي طرح ڊپارٽمينٽ جي آفيس اسٽيٽ لائيف بلڊنگ جي ٽائين ماڙ تي هئي، جتي عام عورتن جو وڃڻ تقريباً ناممڪن هو سو مون آفيس کي به اهڙي جاءِ تي شفٽ ڪيو جتي عام عورتون به آسانيءَ سان اچي سگهن. پنهنجون شڪايتون رجسٽر ڪرائي سگهن ۽ توقع مطابق ان ۾ به اسان کي تمام گهڻين مشڪلاتن کي منهن ڏيڻو پيو. اسان وٽ عملي جي سخت کوٽ آهي جنهن لاءِ اسان ڪيترائي ڀيرا لاڳاپيل کاتي کي لکي چڪا آهيون. اهڙن خيالن جو اظهار هن مقامي هوٽل ۾ سنڌ وومين ڊولپمينٽ ڊپارٽمينٽ، پاٿ فائينڊر انٽرنيشنل، يو اين ايف پي اي پاران منعقد ڪيل سيمينار کي خطاب ڪندي ڪيو ان موقعي تي سنڌ اسيمبلي جي ميمبر منگلا شرما، سيده ماروي راشدي، غزاله سيال، وومين ڊولپمينٽ ڊپارٽمينٽ سنڌ جي سيڪريٽري انجم اقبال جمالي، سيڪريٽري آئي ٽي آصف اڪرام، سنڌ ڪميشن آن دي اسٽيٽس آف وومين جي چيئرپرسن نزهت شيرين، يو اين ايف پي اي جي بيرام گل، پاٿ فائينڊر انٽرنيشنل جي ايڊووڪيٽ روبينا بروهي ۽ ٻين شعبن جا نمائندا وڏي انگ ۾ موجود هئا. صوبائي وزير چيو ته اسان کي هن سال عورتن جي عالمي ڏهاڙي جي ڀرپور ڪوريج جو فائدو ٿيو جو اسان کي سڄي ملڪ مان هڪ ڏينهن ۾ 5 سٺ کان وڌيڪ عورتن جون ڪالون آيون. هن چيو ته اسان جي حيدرآباد آفيس ڏاڍي محنت سان ڪم ڪري رهي آهي ۽ ڪيترائي اهڙا ڪيس حل ڪيا آهن جن تي گهڻو بحث ٿيو اتي اسان جي عملي عورتن کي مالي ۽ قانوني مدد ڏني. انهن جي ڪائونسلنگ پڻ ڪئي وئي جنهن جا مثبت نتيجا آيا. هن چيو ته عورتن بابت ڪيسن ۾ پوليس جي نظام کي بهتر بڻائڻ جي سخت ضرورت آهي. پوليس عورتن سان لاڳاپيل ڪيس داخل ڪرڻ کان لاتعلق نظر اچي رهي آهي. اسان چاهيون ٿا ته اهڙن موقعن تي پوليس اسان سان رابطو ڪري ته ڪيس جي داخل ڪرڻ جو صحيح رخ ۽ اندازو لڳائي سگهجي ٿو جنهن سان عورتن کي بهتر انصاف ملندو. هن چيو ته گذريل ڏينهن حيدرآباد ۾ هڪ ڇوڪريءَ کي چاقوءَ جا وار ڪري زخمي ڪيو ويو، جنهن کيس اسپتال وٺي وڃڻ بدران ان جي وڊيو ٺاهيندا رهيا ۽ ان حوالي سان پالمرادو جانچ شروع ڪري ڏني، جڏهن کيس اسپتال پهچايو ويو ان وقت تائين ڪافي دير ٿي چڪي هئي ۽ هو مري وئي. هن چيو ته واقعي جو اطلاع ملندي ئي حيدرآباد مان اسان جو عملو فوري طور اسپتال پهتو ٻئي ڏينهن صبح جو ڇوڪريءَ جي گهر ويو سندس گهرڀاتين سان ملاقات ڪئي ۽ سندن قانوني مدد جي مطالبي تي کين مڪمل قانوني مدد فراهم ڪرڻ جو يقين ڏياريو. هن چيو ته اسان وٽ ڪيترائي اهڙا ڪيس آهن جن ۾ عورتن ۽ ڇوڪرين جا والدين مالي مشڪلاتن جو شڪار هئا ۽ انهن وٽ ڪاغذن جي فوٽو ڪاپيون ڪرائڻ لاءِ به پئسا نه هئا. ان ڪري اسان سندن مالي مدد ڪئي. هن چيو ته سنڌ ۾ ڇوڪرين جي شادي جي گهٽ ۾ گهٽ عمر ارڙهن سال آهي پر ان کان به ننڍي عمر جي ڇوڪرين کي ميڊيڪل لاءِ موڪليو وڃي ٿو. جڏهن ته سمورو رڪارڊ هاڻي نادرا وٽ آهي. هن چيو ته اهڙن واقعن ۾ ماڻهو معاملي جي حقيقت جاڻڻ کان سواءِ پنهنجي راءِ قائم ڪندا آهن ۽ اهڙا لفظ استعمال ڪندا آهن جيڪي افسوسناڪ آهن. هن عدليه کي به شڪايت ڪئي ته اهڙن ڪيسن ۾ اسان جي ضابطن جو خيال رکيو وڃي. اسان ڪنهن به عورت کي ٽن کان ڇهن مهينن تائين رکي سگهون ٿا. پر بدقسمتي سان انهن کي اسان وٽ چار چار سال رکيو وڃي ٿو جنهن سان ٻيا مسئلا پيدا ٿين ٿا. هن ان ڳالهه تي زور ڏنو ته اسان کي عورتن کي معاشي طور تي مضبوط ۽ مستحڪم ڪرڻ جي ضرورت آهي ته جيئن اهي نه رڳو پر اعتماد ٿين پر پنهنجي مڙس ۽ ٻارن جو معاشي بار به شيئر ڪري سگهن جنهن سان معاشري ۾ امن قائم ٿيندو. سيمينار کي ٻين مقررين پڻ خطاب ڪيو.

بقايا *** 27

نه ڪئي ويندي. امتياز شيخ سان ڪي اليڪٽرڪ سي اي او ملاقات ڪئي، جنهن ۾ ڪراچي ۾ رمضان المبارڪ دوران سحري ۽ افطاري ۾ لوڊشيڊنگ سميت ٻين معاملن تي ڳالهيون ڪيون ويون. ان موقعي تي امتياز شيخ چيو ته رمضان المبارڪ ۾ بجلي جي لوڊشيڊنگ جو دورانيو مختصر رکيو وڃي، عوام کي رليف ڏيڻ حڪومت جي پهرين ترجيح آهي. هن چيو ته لوڊشيڊنگ سبب ڪاروباري طبقو سخت متاثر ٿي رهيو آهي. رمضان المبارڪ دوران سحري ۽ افطاري ۾ لوڊشيڊنگ نه ڪئي ويندي. ڪي اليڪٽرڪ سي اي او چيو ته بلن جي عدم ادائيگي سبب لوڊشيڊنگ وڌندي آهي. جنهن تي صوبائي وزير چيو ته اهڙن علائقن ۾ فوري طور تي ڪنڊا سسٽم جو خاتمو ڪيو وڃي.

بقايا *** 28

بلتستان محمد سعيد کي اسٽيبلشمينٽ ڊويزن رپورٽ ڪرڻ جي هدايت ڪئي وئي آهي ٻڌائيءَ موجب ڪي پي مان 20هين گريڊ جي علي خٽڪ کي آءِ جي گلگت بلتستان مقرر ڪيو ويو آهي.

بقايا *** 29

غلام نبي ميمڻ جي صدارت هيٺ اجلاس ۾ ڪيو. ترجمان ٻڌايو ته لاڳاپيل اختيارين کان 15 ڏينهن ۾ رپورٽ طلب ڪئي وئي آهي ۽ آءِ جي سنڌ جاچ جي شعبي کي وڌيڪ 350 ڪمپيوٽر فراهم ڪرڻ جو حڪم ڏنو آهي. سنڌ پوليس جي ترجمان موجب آءِ جي غلام نبي ميمڻ چيو ته جاچ جي شعبي کي بهتر بڻائڻ اسان جو مقصد آهي.

بقايا *** 30

صرف ڪي پي کان آيل لٺ بردار ڪارڪن پوليس سان مزاحمت ڪندا رهيا. وڏي ڳالهه ته پي ٽي آءِ جي سينيئر قيادت خاص طور فواد چوڌري، تازو پي ٽي آءِ جو مقرر ٿيل مرڪزي صدر پرويز الاهي، حماد اظهر ۽ عمران سان وفاداري جا وچن ڪندڙ شيخ رشيد غائب رهيا. نامياري صحافي موجب زمان پارڪ ۾ عمران خان سان گڏ صرف شاهه محمود قريشي، علي زيدي، فرخ حبيب ۽ حسان نيازي موجود هئا. لاهور واسين کي سڄو ڏينهن زمان پارڪ پهچڻ جون اپيلون ڪيون وين پر عوام گهرن مان نڪري زمان پارڪ نه پهتو.

بقايا *** 31

جا وفد پڻ ايندا رهيا. احتجاجي ڪئمپ تي موجود سوين ڪارڪنن ۽ سنڌ دوستن ماڻهن جي ميڙ کي ايس ٽي پي وائيس چيئرمين انجنيئر گلزار سومرو، ڊاڪٽر سومار منگريو، قادر چنه، شوڪت ابڙو، ڪراچي ڊويزن جي اڳواڻ ڪامريڊ حيات ٽنيو، عاشق ٿهيم، رجب مگسي ۽ ٻين خطاب ڪندي چيو ته پي ڊي ايم جي وفاقي سرڪار وقت کان اڳ جبري طور آدم شماري ڪرائي سنڌين جي فطري ۽ آفاقي حق حڪمراني تي ڌاڙو هڻڻ جي ڪوشش ڪري رهي آهي. هنن چيو ته پيپلزپارٽي اقتدار پرست ۽ سنڌ هنن چيو ته ڊجيٽل آدمشماري جهڙي طريقي سان ڪرائي پئي وڃي ان مان سنڌ جي وجود ۽ بقا کي خطرو آهي تنهن ڪري سنڌ مڪمل طور ان آدمشماري کي رد ڪري ٿي. احتجاجي ڪئمپ تي عوامي تحريڪ جو مرڪزي صدر لال جروار، ادي حور پليجو ۽ نوراحمد ڪاتيار، سنڌ ڊيموڪريٽڪ فورم جو شفيق موسوي ۽ ٻين وفدن جي صورت ۾ اچي ايس ٽي پي پاران هلندڙ جدوجهد کي وقتائتو قرار ڏيندي ڀرپور حمايت جو اعلان ڪيو. ان موقعي تي انجنيئر شفيق موسوي آدمشماري جي نقصانن ۽ ٽيڪنيڪل خطرن کان پڻ آگاهه ڪيو اڄ احتجاجي ڪئمپ تي محمد علي شيخ، فواد رند، موسيٰ لُڙڪ، ساگر ابڙو، نسيم چانڊيو، ماجد شيخ سميت سوين ڪارڪنن پڻ شرڪت ڪئي.

بقايا *** 32

هرايل اجلاس ۾ پاڪستان اسٽيٽسڪس بيورو، نادرا ۽ ٻين لاڳاپيل ادارن جي نمائندن شرڪت ڪئي. اجلاس جو بنيادي مقصد ملڪ ۾ جاري ستين ڊجيٽل مردم شماري تي سنڌ حڪومت جي خدشن ۽ تحفظات کي دور ڪرڻ هو اجلاس ۾ سنڌ ڪابينا جي ميمبرن ۽ PBS، NDRA ۽ NTC جي اعليٰ آفيسرن پڻ شرڪت ڪئي. ميمبر (SS/RM) محمد سرور گوندل ۽ PBS جي ترجمان فورم کي مردم شماري جي سرگرمين جي تازي پيش رفت ۽ مخصوص انگن اکرن جي صوبي وار پوزيشن کان آگاهه ڪيو. هن فيلڊ ۾ درپيش مسئلن، مردم شماري سپورٽ سينٽرز ۽ نادرا ٽيمن ذريعي فيلڊ اسٽاف کي فراهم ڪيل ٽيڪنيڪل مدد، ورڪنگ گروپن ذريعي هيڊ آفيس ۾ مردم شماري جي ڪم جي انتظام، ڪمپيوٽر جي مدد سان ڊيٽا جي تصديق ۽ معيار بابت ٽيليفونڪ انٽرويوز (CATI) جي شروعات بابت آگاهي ڏني اجلاس ۾ چيو ويو ته 2022ع جي ٻوڏ سبب آئي ڊي پيز، پرڏيهين جي ڳڻپ جو طريقو ۽ جيو ٽيگنگ بلاڪ سطح تي ڪم جي مڪمل ٿيڻ کي يقيني بڻايو. سنڌ جي وڏي وزير پاران ظاهر ڪيل خدشن ۾ ضلعي مردم شماري آفيسرن کي ڊيش بورڊ تائين رسائي ڏيڻ کي يقيني بڻايو جيئن هو پنهنجي يو سي وار آدمشماري جي تصديق ڪري سگهي. يو سي ۾ سمورن گهرن جي ڳڻپ، خاندان جي ميمبرن جي تصديق، ٻوڏ متاثرين جي ڳڻپ جو هڪ جامع طريقو، هڪ مؤثر مرڪزي پبلسٽي مهم، ميڊيا ۽ عام عوام کي آگاهي ڏيڻ لاءِ آهي ته مردم شماري جي پيغام سان گڏ رنگ بيڪ ٽون تي عمل ڪيو وڃي. نادرا ۽ اين ٽي سي جي نمائندن يقين ڏياريو ته سنڌ حڪومت جا سمورا خدشا دور ڪيا ويندا. ڊيش بورڊ تائين رسائي اڳ ۾ ئي مهيا ڪئي وئي آهي. ڊجيٽل مردم شماري روايتي مردم شماري کان مختلف آهي ڇو ته اها هڪ وڌيڪ شفاف، مؤثر عمل کي اختيار ڪري ٿي ۽ حقيقي وقت ۾ پيش رفت جي نگراني کي پڻ قابل بڻائي ٿي. صوبائي حڪومت جي نگراني تائين رسائي ساک ۽ مالڪي کي وڌائڻ ۾ مدد ڪندي. هن وڌيڪ چيو ته سنڌ حڪومت مشقن جي بهتري لاءِ تعاون ڪري. اها به گذارش ڪئي وئي ته باقي رهيل مسئلا حل ٿيڻ کان پوءِ هلندڙ نظام ۾ وڌيڪ تبديليون ڪرڻ مشڪل ٿي پوندو.

بقايا سنڌيار 01

هيلٿ سروسز عبدالحميد جمالي ڳالهائيندي چيو ته پوليو جهڙي موذي مرض جي خاتمي لاءِ 5 سالن تائين جي ٻارڙن کي پوليو جا ڦڙا پيارڻ لازمي آهن والدين کي گهرجي ته اهي پنهنجي پنجن سالن تائين جي ٻارڙن کي پوليو پيارڻ لاءِ پوليو جي ٽيم سان سهڪار ڪن ان موقعي تي ڊپٽي ڪمشنر ڪيماڙي ڳالهائيندي چيو ته ڪيماڙي ضلعي ۾ پوليو جي ٽيم پوري ضلعي ۾ بهترين ڪم ڪري رهي آهي صحت کاتي سان مڪمل سهڪار ڪيو پيو وڃي ڊي سي ڪيماڙي مختيار ابڙو ضلعي ڪيماڙي جي عوام توڙي والدين کي گهرجي ته اهي پنهنجي پنهنجي علائقي ۾ ايندڙ پوليو ٽيم سان تعاون ڪن ۽ پنهنجي 5 سالن تائين جي ٻارڙن کي پوليو جا ڦڙا ضرور پيارين ان موقعي تي ڊي ايڇ او ڪيماڙي عارف رحمن ڳالهائيندي چيو ته ضلعي ڪيماڙي ۾ پوليو جون ٽيمون گهر گهر وڃي 5 سالن تائين جي ٻارڙن کي پوليو جا ڦڙا پياري پيا وڃن سنڌس چوڻ هو ته ڪيماڙي ضلعي جي سرڪاري اسپتالن ۾ صحت جون سهولتون بهتر ڪيون ويون آهن ڊي ايڇ او ڪيماڙي عوام کي اپيل ڪئي ته اهي پنهنجي 5 سالن تائين جي اولاد کي پوليو جا ڦڙا پيارين

بقايا سنڌيار 02

ڪي ڳالهيون ڪرڻ گهرجن پوليس ۽ مظاهرن جو رد عمل انتشار پکيڙيندو هن زور ڏنو ته خواهش ڪي نه پر قانون کي اهميت ڏيڻ کپي سموريون پارٽيون سياسي مڪافات عمل جو شڪار آهن ۽ قانون کي لست د جاڪ . تمام سياسي جماعتون مڪافات عمل جو شڪار . تاريخ سـ تاريخ کان سبق نه حاصل ڪيو ويو ته سياسي عمل جمهور ۽ جمهوريت جو سبق نه سکيا ته لالوونڻ وارو کير به نه هوندو گا تو ساسي عمل . رياست کي سياست کان مٿانهون رکي سوچڻ گهرجي اڄ عوام ۽ ملڪ جي حالت ڪهڙي آهي محمد فائق شاهه چيو ته عمران خان مريم نواز ۽ ٻيا سياسي اڳواڻ اخلاق جو جنازو ڪڍي رهيا آهن سياسي پروگرام ۽ ترقي جو روڊ ميپ ڏنو وڃي بدقسمتي سان معاشري کي جمهوري ۽ اخلاقي قدرن کان پري ڪيو ويو آهي مستقبل جو لائحه عمل ڏنو وڃي.

بقايا سنڌيار 03

جي ايڊمنسٽريٽر عبدالغفور جاڪرو ملازمن ۽ صحافين سان ڳالهائيندي چيو ته اسان عوام جا خادم آهيون ۽ شهرين جي خدمت ڪرڻ اسان جو نصب العين آهي پي ايس 79 جي ايم پي اي سردار جام اويس بجار خان جي خاص هدايتن تحت شهر ۾ ترقياتي ڪم ڪرائڻ سان گڏ صفائي جي نظام کي بهتر بنائڻ لاءِ پڻ اسان جو عملو ايمانداري سان پنهنجا فرائض سرانجام ڏيندي رهيو آهي ملازمن کي ڪٿون پاراڻ جو مقصد سنڌن سچائب ڪرائڻ آهي ايڊمنسٽريٽر عبدالغفور جاڪرو چيو ته شهري مسئلن جي حل لاءِ اسان سان سڌي ريت رابطي ۾ اچن ته جيئن سنڌن مسئلن کي احسن طريقي سان حل ڪري سگهجي انهيءَ موقعي تي صفائي عملي جو انچارج سيد تاج حسين شاهه ۽ درپان علي خشڪ ۽ ٻيا ملازم پڻ موجود هئا.

بقايا سنڌيار 04

ٽائيگرن جي صوبائي اڳواڻ سيد احمد علي شاهه جي اڳواڻي ۾ احتجاجي ريلي ڪڍي وئي ۽ راڻي پور قومي شاهره تي ڌرڻو هڻيو ويو بعد ۾ ڪارڪن انصاف هائوس راڻيپور طرف روانا ٿي ويا ريلي جي قيادت سيد احمد علي شاهه جيلاني، ڪائونسلر فياض عباسي ،محمد اسماعيل سولنگي، نجب علي مري بلوچ ،عرفان شاهاڻي ، ڪامريڊ لعل بخش سيال ، مير خان مگسيجو ،سيد زاڪر حسين شاهه ڪري رهيا هئا ان موقعي تي صوبائي اڳواڻ سيد احمد علي شاهه جيلاني چيو ته عمران خان اسان جو قائد آهي اسان ڪنهن کي به عمران خان طرف ميري اک کڻي ڏسڻ نه ڏينداسين اگر اسان جي قائد کي بلاجواز سياسي انتقام طور گرفتار ڪيو ويو ته پوري ملڪ ۾ قومي شاهره کي مختلف شهرن بند ڪري ڇڏينداسين ان لاءِ اسان کي جهڙي به قرباني ڏيڻي پئي ته ڏينداسين پر تحريڪ انصاف جي قائد عمران خان کي ڪنهن به صورت ۾ اڪيلو نه ڇڏينداسين ريلي غلام حيدر مهر سجاد سولنگي ۽ ٻين وڏي انگ ۾ شرڪت ڪئي.

بقايا سنڌيار 05

دوران منشيات فروش محمد ملوڪ عباسي کي 500 بوتلون ديسي شراب 5 بوري Z21 پٽيوالي هٽ ڪري ورتي، ڪار نمبر BLM686 ۽ ڊرائيور لياقت سولنگي کي گرفتار ڪري جوابدارن خلاف نارڪوٽڪس ايڪٽ تحت ڪيس داخل ڪيو ويو آهي ٻئي طرف شهرين پوليس جي ڪامياب ڪارروائي تي خوشي جو اظهار ڪيو آهي.

بقايا سنڌيار 06

ڪٽي انهي موقعي تي اڳواڻن خطاب ڪندي چيو ته اسان کي تعليم کاتي پاران وردي الائونس ؛ ڪلارڪ پروموشن ؛2007 جي رهيل سروس ؛ ٽائيم ميٽرڪ جي آؤ ۾ آءِ ڊيزيند ڪرڻ ؛ ايڪريشن نه ڏئي اسان سان سراسر ناانصافي ڪئي وئي آهي هنن چيو ته اسانجا جائز مطالبا فوري طور تي نه مڃيا ويا ته لوئر اسٽاف پاران سڄي سنڌ ۾ احتجاج جو دائرو وڌايو ويندو

بقايا سنڌيار 07

مثل سڌا فائر ڪري ڏنا جنهن جي نتيجي ۾ اي ايس آئي امان الله ابڙو موقعي تي شهيد ٿي ويو جڏهن ته جوابي فائرنگ ۾ هڪ ڌوهاري به مارجي ويو جڏهن ته مارجي ويل ڌوهاري جو لاش پوليس تحويل ۾ ورتل آهي هوڏانهن اطلاع تي پوليس جا وڏا انالا واقعي واري هنڌ پهچي علائقي کي ڪوڙجاڙهي ورتو آهي آخري اطلاع تائين باقي جوابدارن جي گرفتاري ناهي ٿي سگهي.

بقايا سنڌيار 08

نه ڊيوٽي دوران مختلف پوليس پڪٽون چيڪ ڪندو آهيان ملڙي چوڪ وٽ گشت ڪري رهيا هئاسين ته رستي ۾ ڌوهارين موٽرسائيڪل ڦر ڪرڻ جي ڪوشش ڪئي مزاحمت ڪرڻ تي ڌوهارين گولي هڻي زخمي ڪري فرار ٿي ويا ٻئي طرف ڊاڪٽر موجب اهلڪار جي طبيعت بهتر آهي جلد صحتياب ٿي ويندو

بقايا سنڌيار 09

جون 7 رڍون تڏي تي ئي مري ويون. خبر موجب: ٽنڊوباگو لنگ آرائين ريگيوليٽر پرسان ڳوٺ رڍو ربياري ۾ اوچتو وچ ڪرڻ سبب ڏنو ربياري جون 7 رڍون تڏي تي ئي مري ويون. جڏهن ته ٻه ڏنار ملوڪ ربياري ۽ ڪرشن ربياري سخت زخمي ٿي پيا جن کي ڏيٽي صحت مرڪز آندو ويو جتي فرسٽ ايڊ ڏيڻ بعد ريفر ليٽر ڏئي تعلقي اسپتال ٽنڊوباگو روانو ڪيو ويو

بقايا سنڌيار 10

